القرآن الكريم

بامحاوره ترجمو

حضرت مولانا تاج محمود امروٽي رحمہ اللہ


لفظي ترجمو

حضرت مولانا عبدالڪريم قريشي رحمہ اللہ

ٻير شريف



Maktaba Tul Ishaat



تمام فنون کے کتب ہمارے ویب سائٹ اور پلے سٹور سے فری ڈاون لوڈ کریں۔ ہم روزانہ کی بنیاد پر اس میں مزید نئے کتب شامل کر رہے ہیں نئے شامل شدہ کتب لیے روزانہ ہمارے پلے سٹور اور ویب سائٹ کو باقاعدگی سے چیک کیا کریں۔

اپنی کتاب کو ہمارے ویب سائٹ پر شائع کرنے کے لیے رابطہ کریں

تفاسیر	خطبات	منطق
احادیث	سیرت	معانی
فقہ	تاریخ	تصوف
سوانح حیات	صرف	تقابل ادیان
درس نظامی	نحو	تجوید
لغت	فلسفہ	نعت
فتاوی	حکمت	تراجم
اصلاحی	بلاغت	تبلیغ و دعوت
آڈیو دروس	مناظرے	تمام فنون

maktaba.tul.ishaatofficial@gmail.com

وَمَآ اُبَرِّئُ نَفْسِيْ ۚ اِنَّ النَّفْسَ لَاَمَّارَةٌ ۢ بِالسُّوْٓءِ اِلَّا مَا رَحِمَ

۽ آءٌ نہ ٿو پاڪ چوان پنهنجي نفس کي، بيشڪ نفس حڪم ڪندڙ آهي برائي جو مگر جي رحم ڪري

۽ (آءٌ) پنهنجي نفس کي پاڪ نہ ٿو پائيان. ڇو تہ (جنهن تي) منهنجو پالڻهار ٻاجھ ڪري تنهن کان سواءِ نفس (هميشہ) بڇڙائيءَ ڏانهن

رَبِّيْ ؕ اِنَّ رَبِّيْ غَفُوْرٌ رَّحِيْمٌ (٥٣) وَقَالَ الْمَلِكُ ائْتُوْنِيْ بِهٖٓ اَسْتَخْلِصْهُ

منهنجو رب. بيشڪ منهنجو رب بخشيندڙ مهربان آهي. ۽ چيو بادشاه آڻيو مون وٽ انهيءَ کي تہ خاص ڪريان ان کي

گهڻو ڇڪيندڙ آهي. بيشڪ منهنجو پالڻهار بخشڻهار مهربان آهي. ۽ بادشاھ چيو تہ، کيس مون وٽ آڻيو تہ (آءٌ) کيس پاڻ لاءِ مقرر ڪريان.

لِنَفْسِيْ ۚ فَلَمَّا كَلَّمَهٗ قَالَ اِنَّكَ الْيَوْمَ لَدَيْنَا مَكِيْنٌ اَمِيْنٌ (٥٤) قَالَ

پنهنجي ڪم لاءِ. پوءِ جڏهن گفتگو ڪيائين ان سان چيائين تہ تون اڄ اسان وٽ عهديدار امين آهين. چيائين

پوءِ جنهن مهل ساڻس ڳالهايائين (تنهن مهل سندس سياڻپ سمجهي) چيائين تہ تون اڄ اسان وٽ معتبر امانت وارو آهين.

اجْعَلْنِيْ عَلٰى خَزَآئِنِ الْاَرْضِ ۚ اِنِّيْ حَفِيْظٌ عَلِيْمٌ (٥٥) وَكَذٰلِكَ

مقرر ڪر مون کي ملڪ جي خزانن تي، بيشڪ آءٌ سنڀاليندڙ گهڻو ڄاڻندڙ آهيان. ۽ اهڙي طرح

(يوسف) چيو تہ مون کي هن ملڪ (مصر) جي خزانن تي مقرر ڪر! ڇو تہ آءٌ نگهبان (۽ سڀني ڪمن جو) وڏيڪ

مَكَّنَّا لِيُوْسُفَ فِي الْاَرْضِ ۚ يَتَبَوَّاُ مِنْهَا حَيْثُ يَشَآءُ ؕ نُصِيْبُ

عزت ڏني سون يوسف کي ان زمين ۾، تہ رهائش ڪري ان ۾ جتي چاهي، پهچائيندا آهيون

ڄاڻندڙ آهيان. ۽ اهڙيءَ طرح يوسف (اُنهيءَ) ملڪ ۾ مرتبي وارو ڪيوسون، جتي وڻندو هوس تتي ٽڪندو هو،

بِرَحْمَتِنَا مَنْ نَّشَآءُ وَلَا نُضِيْعُ اَجْرَ الْمُحْسِنِيْنَ (٥٦) وَلَاَجْرُ

پنهنجي رحمت جنهن کي گهرون ۽ نہ وڃائيندا آهيون اجر چڱن ماڻهن جو. ۽ ثواب

جنهن لاءِ وڻندڙ اٿئون تنهن تي پنهنجي ٻاجھ پهچائيندا آهيون ۽ نيڪن جو اجر نہ وڃائيندا آهيون. ۽

الْاٰخِرَةِ خَيْرٌ لِّلَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَكَانُوْا يَتَّقُوْنَ (٥٧) وَجَآءَ اِخْوَةُ

آخرت جو بهتر آهي انهن لاءِ جن ايمان آندو ۽ پرهيزگاري ڪندا هئا ۽ آيا ڀائر

جن ايمان آندو ۽ پرهيزگاري ڪندا رهيا تن لاءِ آخرت جو اجر ڀلو آهي. ۽ يوسف جا ڀائر آيا

يُوْسُفَ فَدَخَلُوْا عَلَيْهِ فَعَرَفَهُمْ وَهُمْ لَهٗ مُنْكِرُوْنَ (٥٨) وَلَمَّا

يوسف جا پوءِ لنگهي ويا ان وٽ تہ سڃاتائين انهن کي ۽ اهي انکي ڪونہ پيا سڃاڻن. ۽ جڏهن

پوءِ وٽس (لنگهي) ويا تہ ڪين سڃاتائين ۽ اهي کيس نہ سڃاڻندڙ هئا. ۽ جنهن مهل

جَهَّزَهُمْ بِجَهَازِهِمْ قَالَ ائْتُوْنِيْ بِاَخٍ لَّكُمْ مِّنْ اَبِيْكُمْ ۚ اَلَا

تيار ڪيائين انهن لاءِ انهنجي سامان کي فرمايائين تہ ولي اچجو مون وٽ پنهنجو ڀاءُ پيئيٽو، ڇا نہ ٿا

انهن لاءِ سندن سامان تيار ڪيائين (تنهن مهل کين) چيائين تہ پنهنجي پيئٽي ڀاءُ کي مون وٽ آڻيو.

تَرَوْنَ اَنِّيْٓ اُوْفِي الْكَيْلَ وَاَنَا خَيْرُ الْمُنْزِلِيْنَ ۝۵۹ فَاِنْ لَّمْ تَاْتُوْنِيْ

ڏسو تہ آءٌ پورو ڏيان ٿو ماڻ ۽ آءٌ آهيان ڀلو مهمان نواز. پوءِ جيڪڏهن نہ آڻيندؤ مون وٽ

اوهين نہ ٿا ڏسو ڇا تہ آءٌ پورو ماڻ ڏيان ٿو ۽ آءٌ چڱو مهماني ڪندڙ آهيان؟ پوءِ جيڪڏهن ڪيس مون وٽ نہ آڻيندؤ

بِهٖ فَلَا كَيْلَ لَكُمْ عِنْدِيْ وَلَا تَقْرَبُوْنِ ۝۶۰ قَالُوْا سَنُرَاوِدُ عَنْهُ

ان کي پوءِ نہ آهي ڪو ماڻ توهان لاءِ مون وٽ ۽ نڪي ويجها ٿجو مون کي. چيائون طلب ڪنداسون ان جي

تہ اهان لاءِ مون وٽ ڪا ماڻ ڪانهي ۽ نڪي مون کي ويجها ٿجو. چيائون تہ ان بابت (ڪنهن بهاني سان) سندس پيءُ کي جلد راضي ڪنداسون

اَبَاهُ وَاِنَّا لَفٰعِلُوْنَ ۝۶۱ وَقَالَ لِفِتْيٰنِهِ اجْعَلُوْا بِضَاعَتَهُمْ

سندس پيءُ کان ۽ اسان ائين ڪندڙ آهيون. ۽ چيائين پنهنجن ماڻهن کي تہ رکو انهن جي رقم

۽ ضرور اسين (ائين) ڪرڻ وارا ٿينداسون. ۽ (يوسف) پنهنجن جوانن کي چيو تہ سندن موڙي سندن ملّين ۾ وجهي ڇڏيو

فِيْ رِحَالِهِمْ لَعَلَّهُمْ يَعْرِفُوْنَهَآ اِذَا انْقَلَبُوْٓا اِلٰٓى اَهْلِهِمْ لَعَلَّهُمْ

سندن ٻورين ۾ جيئن اهي سڃاڻن ان کي جڏهن واپس ٿين پنهنجي گهر شايد اهي

پوءِ جڏهن پنهنجن گهر وارن ڏانهن موٽي وڃن (تڏهن) مَنَ انهيءَ کي سڃاڻن تہ شايد اهي وري اچن.

يَرْجِعُوْنَ ۝۶۲ فَلَمَّا رَجَعُوْٓا اِلٰٓى اَبِيْهِمْ قَالُوْا يٰٓاَبَانَا مُنِعَ مِنَّا الْكَيْلُ

موٽي اچن. پوءِ جڏهن موٽي آيا پنهنجي پيءُ ڏانهن چيائون اي ابا روڪيو ويو اسان کان ماڻ

پوءِ جنهن مهل پنهنجي پيءُ وٽ (ڪنعان ۾) موٽي آيا (تنهن مهل) چيائون تي اي ابا! (اَن) ماپي ڏيڻ اسان کان روڪيو ويو آهي،

فَاَرْسِلْ مَعَنَآ اَخَانَا نَكْتَلْ وَاِنَّا لَهٗ لَحٰفِظُوْنَ ۝۶۳ قَالَ هَلْ

پوءِ موڪل اسان سان گڏ اسان جي ڀاءُ کي تہ ماڻ وٺي اچون ۽ يقينن اسين ان جا واهرو آهيون. فرمايائين نہ ٿو

تنهن ڪري اسان سان اسان جي ڀاءُ (بنيامين) کي موڪل (ڏي تہ) مٿپ وٺون ۽ اسين سندس نگهبان آهيون. (يعقوب ڪين) چيو تہ

اٰمَنُكُمْ عَلَيْهِ اِلَّا كَمَآ اَمِنْتُكُمْ عَلٰٓى اَخِيْهِ مِنْ قَبْلُ ۭ فَاللّٰهُ

پت ڪريان توهان تي انهيءَ لاءِ مگر جهڙي پت ڪيم توهان تي ان جي ڀاءُ لاءِ اڳ ۾. پوءِ الله

هن جي نسبت اوهان تي اهڙوئي اعتبار ٿو ڪريان جهڙو اڳ سندس ڀاءُ جي بہ نسبت اوهان تي اعتبار ڪيو هوم. پوءِ الله

خَيْرٌ حٰفِظًا ۠ وَّهُوَ اَرْحَمُ الرّٰحِمِيْنَ ۝۶۴ وَلَمَّا فَتَحُوْا مَتَاعَهُمْ

گهڻو ڀلو نگهبان آهي ۽ اهوئي سڀني مهربانن کان وڏيڪ مهربان آهي. ۽ جڏهن کوليائون پنهنجو سامان

چڱو نگهبان آهي ۽ اهو ٻاجهارن کان وڌ ٻاجهارو آهي.۽ جنهن مهل پنهنجو سامان کوليائون (تنهن مهل)

وَجَدُوْا بِضَاعَتَهُمْ رُدَّتْ اِلَيْهِمْ ۭ قَالُوْا يٰٓاَبَانَا مَا نَبْغِيْ ۭ هٰذِهٖ

تہ لڌائون پنهنجي رقم جا موٽائي وئي انهن ڏانهن، چيائون اي ابا اسان جا ٻيو ڇا گهرون، هي آهي

پنهنجي موڙي پاڻ وٽ موٽايل ڏٺائون، چيائون تہ اي اسان جا ابا! (ٻيو) اسان کي ڇا گهرجي؟ (جو) هيءَ

بِضَاعَتُنَا رُدَّتْ اِلَيْنَا ۚ وَنَمِيْرُ اَهْلَنَا وَنَحْفَظُ اَخَانَا وَنَزْدَادُ كَيْلَ

موڙي اسانجي موٽائي وئي آهي اسان ڏانهن، ۽ گذارو آڻينداسون پنهنجي گهرجو ۽ چونڪي ڏينداسون پنهنجي ڀاءُ تي ۽ وڌائي آڻينداسون بار

موڙي اسان جي اسان ڏانهن وري موٽايل آهي (تہ موٽي وڃون)، ۽ پنهنجن گهروارن لاءِ اَن آڻيون ۽ پنهنجي ڀاءُ جي نگهباني ڪنداسون ۽ هڪ

بَعِيْرٍ ۭ ذٰلِكَ كَيْلٌ يَّسِيْرٌ ﴿٦٥﴾ قَالَ لَنْ اُرْسِلَهٗ مَعَكُمْ حَتّٰى تُؤْتُوْنِ

اٺ جو. اهو بار سولو آهي. چيائين هرگز نہ ڇڏيندس اُن کي توهان سان گڏ جيستائين ڏيو مون کي

اٺ جو بار وڌيڪ بہ وٺنداسون. اهو (جيڪو اَن آندو اٿئون سو) ماڻ ٿورو آهي. (يعقوب کين) چيو تہ (آءٌ) اوهان سان اُن کي (ايسين) ڪڏهن نہ

مَوْثِقًا مِّنَ اللّٰهِ لَتَاْتُنَّنِيْ بِهٖٓ اِلَّآ اَنْ يُّحَاطَ بِكُمْ ۚ فَلَمَّآ اٰتَوْهُ

عهد الله جو تہ ضرور آڻيندؤ مون وٽ اُن کي مگر جو گهيرو ٿئي توهان تي، پوءِ جڏهن ڏنائونس

موڪليندس جيسين مون وٽ الله جي ساک (نہ) کڻندؤ تہ اوهين ڪنهن گهيري ۾ پوڻ کان سواءِ اُن کي مون وٽ ضرور آڻيندؤ، پوءِ جنهن مهل

مَوْثِقَهُمْ قَالَ اللّٰهُ عَلٰى مَا نَقُوْلُ وَكِيْلٌ ﴿٦٦﴾ وَقَالَ يٰبَنِيَّ

پڪو انجام پنهنجو چيائين الله اسان جي ڳالهين جو نگهبان آهي. ۽ چيائين اي منهنجا پٽؤ

کيس پنهنجو پڪو انجام ڏنائون (تنهن مهل يعقوب) چيو تہ جيڪي اسين چئون ٿا تنهن تي الله ذميوار آهي. ۽

لَا تَدْخُلُوْا مِنْۢ بَابٍ وَّاحِدٍ وَّادْخُلُوْا مِنْ اَبْوَابٍ مُّتَفَرِّقَةٍ ۭ

نہ گهڙجو دروازي هڪڙي مان ۽ داخل ٿجو دَروازن . جُدارن مان.

(چيائين) تہ اي پٽؤ! اوهين هڪ دروازي کان نہ گهڙجو ۽ الڳ الڳ دروازن مان گهڙجو.

وَمَآ اُغْنِيْ عَنْكُمْ مِّنَ اللّٰهِ مِنْ شَيْءٍ ۭ اِنِ الْحُكْمُ اِلَّا لِلّٰهِ ۭ عَلَيْهِ

۽ نہ تو ٽاري سگهان توهان تان الله جي طرفان ڪا شيءِ، ناهي حڪم ڪنهن جو سواءِ الله جي، انهيءَ تي ئي

۽ آءٌ اوهان کان الله جي تقدير مان ڪا بہ شيءِ ٽاري نہ ٿو سگهان. الله کان سواءِ (ٻئي) ڪنهن جو حڪم نہ آهي، مٿس

تَوَكَّلْتُ ۚ وَعَلَيْهِ فَلْيَتَوَكَّلِ الْمُتَوَكِّلُوْنَ ﴿٦٧﴾ وَلَمَّا دَخَلُوْا مِنْ حَيْثُ

ڀروسو ڪيم، ۽ انهيءَ تي ئي پل ڀروسو ڪن ڀروسي ڪرڻ وارا. ۽ جڏهن داخل ٿيا جتان جو

ڀروسو ڪيم. ۽ سڀ ڪنهن ڀروسي ڪندڙ کي مٿس ڀروسو ڪرڻ گهرجي. ۽ جهڙيءَ طرح سندن پيءُ کين حڪم فرمايو هو تهڙيءَ طرح جنهن

اَمَرَهُمْ اَبُوْهُمْ ۭ مَا كَانَ يُغْنِيْ عَنْهُمْ مِّنَ اللّٰهِ مِنْ شَيْءٍ اِلَّا حَاجَةً

چيو هئو انهن کي سندن پيءُ، نہ پيو ٽاري سگهي انهن کان الله جي طرفان ڪا شيءِ مگر هڪ خيال

مهل (مصر جي دروازن کان) گهڙيا، (تنهن مهل جي ڪا سختي پهچڻ ها تہ سندن پيءُ) الله جي تقدير مان ڪانئڻ ڪجهہ بہ ٽاري نہ ٿي سگهيو

فِيْ نَفْسِ يَعْقُوْبَ قَضٰىهَا ۭ وَاِنَّهٗ لَذُوْ عِلْمٍ لِّمَا عَلَّمْنٰهُ وَلٰكِنَّ

هئو يعقوب جي دل ۾ سو پورو ڪيائين، ۽ اهو هئو وڏي علم وارو جو اسان تعليم ڏني هئي اُن کي پر

(اهو حڪم ڪرڻ) يعقوب جي دل ۾ رڳو هڪ خيال هو جو اُن کي پورو ڪيائين، ۽ جيڪي کيس سيکاريو هوسون تنهن سببان (اهو) علم وارو هو پر

أَكْثَرَ النَّاسِ لَا يَعْلَمُونَ ﴿٦٨﴾ وَلَمَّا دَخَلُوا عَلَىٰ يُوسُفَ آوَىٰ إِلَيْهِ ع ١١ ٢

گهڻا ماڻهو نہ ٿا ڄاڻن. ۽ جڏهن داخل ٿيا يوسف وٽ جاءِ ڏنائين پاڻ وٽ

گهڻا ماڻهو نہ ڄاڻندا آهن. ۽ جنهن مهل يوسف وٽ ويا تنهن مهل اُن پنهنجي (سڳي) ڀاءُ کي پاڻ وٽ جاءِ ڏني.

أَخَاهُ قَالَ إِنِّي أَنَا أَخُوكَ فَلَا تَبْتَئِسْ بِمَا كَانُوا يَعْمَلُونَ ﴿٦٩﴾ فَلَمَّا

پنهنجي ڀاءُ کي چيائين يقينن مون ئي تنهنجو ڀاءُ آهيان پوءِ نہ غم ڪر اُن تي جو اهي ڪندا هئا. پوءِ جڏهن

چيائين تہ سچ پچ آءٌ تنهنجو ڀاءُ آهيان تنهن ڪري جيڪي ڪيو اٿن تنهن تي ڏک نہ ڪر. پوءِ جنهن مهل

جَهَّزَهُم بِجَهَازِهِمْ جَعَلَ السِّقَايَةَ فِي رَحْلِ أَخِيهِ ثُمَّ أَذَّنَ

تيار ڪيائين انهن جو سامان رکيائين پيالو پوريءَ ۾ پنهنجي ڀاءُ جي پوءِ آواز ڪيو

اُنهن لاءِ سندن سامان سنبرايائين (تنهن مهل) پنهنجي (سڳي) ڀاءُ جي مڌيءَ ۾ پيالو لڪايائين وري آواز ڪندڙ آواز ڪيو

مُؤَذِّنٌ أَيَّتُهَا الْعِيرُ إِنَّكُمْ لَسَارِقُونَ ﴿٧٠﴾ قَالُوا وَأَقْبَلُوا عَلَيْهِم مَّاذَا

پڙهي ڏيندڙ اي قافلي وارؤ! توهان تہ چور آهيو. چيائون منهن ڪري انهن ڏانهن ڇا

تہ اي قافلي وارؤ! اوهين ضرور چور آهيو! (قافلي وارن ٻُڌي) اُنهن ڏانهن منهن ڪري چيو تہ

تَفْقِدُونَ ﴿٧١﴾ قَالُوا نَفْقِدُ صُوَاعَ الْمَلِكِ وَلِمَن جَاءَ بِهِ حِمْلُ بَعِيرٍ

گم ڪيو اٿوَ؟ چيائون گم ڪيو اٿئون ماپو بادشاهہ جو ۽ جيڪو آڻيندو اُن کي تہ بار اُٺ جو ملندس

ڇا وڃايو اٿوَ؟ چيائون تہ بادشاهہ جو پيالو وڃايو اٿئون ۽ جنهن اهو (لهي) آندو تنهن لاءِ اُٺ جو بار (انعام) آهي

وَأَنَا بِهِ زَعِيمٌ ﴿٧٢﴾ قَالُوا تَاللَّهِ لَقَدْ عَلِمْتُم مَّا جِئْنَا لِنُفْسِدَ فِي الْأَرْضِ

۽ آءٌ اُن جو ضامن آهيان. چيائون الله جو قسم اوهان ڄاڻو ٿا تہ نہ آيا آهيون اسين فساد ڪرڻ لاءِ ملڪ ۾

۽ آءٌ (اُن انعام) جو ذميوار آهيان. چيائون تہ، الله جو قسم آهي! تہ اوهان کي خبر هوندي تہ اسين هن لاءِ نہ آيا آهيون تہ ملڪ ۾ ڏڦيڙ وجهون

وَمَا كُنَّا سَارِقِينَ ﴿٧٣﴾ قَالُوا فَمَا جَزَاؤُهُ إِن كُنتُمْ كَاذِبِينَ ﴿٧٤﴾ قَالُوا

۽ نکي آهيون چور. چيائون ڪهڙي سزا آهي اُن جي جيڪڏهن ٿيو اوهين ڪوڙا؟ چيائون

۽ نکي اسين چور آهيون. (وري نوڪرن) چيو تہ جيڪڏهن ڪوڙا هجو تہ اُن (چور) جي سزا ڪهڙي آهي؟ چيائون

جَزَاؤُهُ مَن وُجِدَ فِي رَحْلِهِ فَهُوَ جَزَاؤُهُ ۚ كَذَٰلِكَ نَجْزِي

سزا اُن جي اهوئي آهي لڀي جنهن جي پوري مان پوءِ اهو آهي سزا اُن جي. اهڙي طرح سزا ڏيندا آهيون

تہ اُن جي سزا (هيءَ) آهي تہ جنهن جي مڌيءَ مان اهو لڌو سو (پاڻ) اُن جو بدلو آهي. اهڙيءَ طرح اسين ظالمن کي سزا ڏيندا آهيون.

الظَّالِمِينَ ﴿٧٥﴾ فَبَدَأَ بِأَوْعِيَتِهِمْ قَبْلَ وِعَاءِ أَخِيهِ ثُمَّ اسْتَخْرَجَهَا

ظالمن کي. پوءِ شروعات ڪيائين انهن جي پورين سان اڳ ۾ پنهنجي ڀاءُ جي پوري کان پوءِ ڪڍيائين اُن کي

پوءِ (يوسف) پنهنجي (سڳي) ڀاءُ جي پوري (ڳولڻ) کان اڳ اُنهن (ڀين) جون پوريون ڳولڻ شروع ڪيون. وري اهو (پيالو) پنهنجي ڀاءُ جي

مِنْ وِّعَآءِ اَخِيْهِ ؕ كَذٰلِكَ كِدْنَا لِيُوْسُفَ ؕ مَا كَانَ لِيَاْخُذَ اَخَاهُ
پنهنجي ڀاءُ جي ٻوريءَ مان. اهڙيءَ طرح اٽڪل ڪئي سون يوسف لاءِ. اهو نه وٺي سگهي ها پنهنجي ڀاءُ کي
ٻوريءَ مان ڪڍيائين. اهڙيءَ طرح يوسف کي تجويز سيکاري سون. جو بادشاهه جي قانون موجب پنهنجي ڀاءُ کي
فِیْ دِیْنِ الْمَلِكِ اِلَّاۤ اَنْ یَّشَآءَ اللّٰهُ ؕ نَرْفَعُ دَرَجٰتٍ مَّنْ نَّشَآءُ ؕ
قانون انهيءَ بادشاهه جي ۾ مگر جي گهري الله. بلند ڪندا آهيون درجا جنهن جا چاهيون.
الله جي گهر کان سواءِ وٺي نه ٿي سگهيو. جنهن کي گهرندا آهيون تنهن کي درجن ۾ مٿاهون ڪندا آهيون. ۽
وَفَوْقَ كُلِّ ذِیْ عِلْمٍ عَلِیْمٌ ﴿٧٦﴾ قَالُوْۤا اِنْ یَّسْرِقْ فَقَدْ سَرَقَ
۽ مٿان هر علم واري تي وڏي علم وارو آهي. چيائون جيڪڏهن ان چوري ڪئي آهي ته پڪ چوري ڪئي هئي
هر ڪنهن سياڻي جي مٿان سياڻو آهي. چيائون ته جيڪڏهن (هن) چوري ڪئي آهي ته اڳ سندس ڀاءُ (به) بيشڪ چوري
اَخٌ لَّهٗ مِنْ قَبْلُ ۚ فَاَسَرَّهَا یُوْسُفُ فِیْ نَفْسِهٖ وَلَمْ یُبْدِهَا لَهُمْ ۚ قَالَ
ان جي ڀاءُ هن کان اڳي. پوءِ رکيو ان کي يوسف پنهنجي دل ۾ ۽ نه ظاهر ڪيائين اهو انهن کي. چيائين
ڪئي هئي. پوءِ ان (ڳالهه) کي يوسف پنهنجي دل ۾ لڪايو ۽ کين اها پڌري نه ڪيائين (دل ۾) چيائين ته
اَنْتُمْ شَرٌّ مَّكَانًا ۚ وَاللّٰهُ اَعْلَمُ بِمَا تَصِفُوْنَ ﴿٧٧﴾ قَالُوْا یٰۤاَیُّهَا الْعَزِیْزُ
توهان ئي وڌيڪ بُرا آهيو انهيءَ ڏس ۾ ۽ الله گهڻو ڄاڻندڙ آهي ان کي جيڪي چئو ٿا. چيائون اي عزيز
اوهين بڇڙي مانَ وارا آهيو. ۽ جيڪي بيان ڪريو ٿا سو الله چڱو ڄاڻندڙ آهي!. چيائون ته اي عزيز!
اِنَّ لَهٗۤ اَبًا شَیْخًا كَبِیْرًا فَخُذْ اَحَدَنَا مَكَانَهٗ ۚ اِنَّا نَرٰىكَ مِنَ الْمُحْسِنِیْنَ ﴿٧٨﴾
هن جو پيءُ آهي پوڙهو وڏي عمر وارو پوءِ وٺ اسان مان هڪڙي کي ان جي جاءِ تي. اسين ڏسون ٿا توکي مهرباني ڪندڙن مان.
هن جو پيءُ پوڙهو وڏي ڄمار وارو آهي. تنهن ڪري اسان مان هڪڙو سندس بدران وٺ. اسين توکي نيڪن مان ڏسون ٿا.
قَالَ مَعَاذَ اللّٰهِ اَنْ نَّاْخُذَ اِلَّا مَنْ وَّجَدْنَا مَتَاعَنَا عِنْدَهٗۤ ۙ اِنَّاۤ
چيائين الله جي پناهه جو وٺون ڪنهن کي سواءِ ان جي جو لڌو سون سامان پنهنجو ان وٽ بيشڪ اسين
چيائين الله پناهه ۾ رکي! جو جنهن وٽ پنهنجو سامان لڌوسون تنهن کان سواءِ ٻئي ڪنهن کي پڪڙيون
اِذًا لَّظٰلِمُوْنَ ﴿٧٩﴾ ع فَلَمَّا اسْتَیْـَٔسُوْا مِنْهُ خَلَصُوْا نَجِیًّا ؕ قَالَ كَبِیْرُهُمْ ع ٩
ان وقت ظلم ڪندڙ آهيون. پوءِ جڏهن نااميد ٿيا ان کان اڪيلا ويٺا صلاح ڪرڻ. چيو انهن جي وڏي
انهيءَ مهل اسين ظالم آهيون. پوءِ جنهن مهل کانئس نااميد ٿيا (تنهن مهل) نويڪلا ٿي صلاح ڪندڙ
اَلَمْ تَعْلَمُوْۤا اَنَّ اَبَاكُمْ قَدْ اَخَذَ عَلَیْكُمْ مَّوْثِقًا مِّنَ اللّٰهِ وَمِنْ
ڇا نه ٿا ڄاڻو ته توهان جي پيءُ ورتو هئو توهان کان قسم الله جو ۽ انهيءَ کان
ٿيا. سندن وڏي (ڀاءُ) چيو ته نه ڄاڻندا آهيو ڇا ته اوهان جي پيءُ اوهان کان الله جو پڪو قسم ورتو آهي؟ ۽ اڳ به

قَبْلُ مَا فَرَّطْتُّمْ فِیْ یُوْسُفَ ۚ فَلَنْ اَبْرَحَ الْاَرْضَ حَتّٰی یَاْذَنَ لِیْۤ
اڳ ۾ كين گھٽايو اٿو يوسف ۾. پوءِ آءٌ هرگز پري نہ ٿيندس هن ملڪ كان جيستائين اجازت ڏئي مونكي
اوهان يوسف جي نسبت ۾ ڪجھہ نہ گھٽايو هو. تنهن ڪري (جيسين) منهنجو پيءُ مون کي موڪل (نہ) ڏيندو
اَبِیْۤ اَوْ یَحْكُمَ اللّٰهُ لِیْ ۚ وَهُوَ خَیْرُ الْحٰكِمِیْنَ ﴿۸۰﴾ اِرْجِعُوْۤا اِلٰۤی اَبِیْكُمْ
منهنجو ابو يا فيصلو ڪري الله منهنجي لاءِ. ۽ اهوئي بهتر فيصلو ڪندڙ آهي. موٽي وڃو پنهنجي پيءُ ڏانهن
يا الله مون لاءِ حڪم نہ ڪندو تيسين آءٌ هن ملڪ مان ڪڏهن نہ نڪرندس ۽ اهو چڱو حڪم ڏيڻ وارو آهي. اوهين پنهنجي پيءُ وٽ موٽي وڃو
فَقُوْلُوْا یٰۤاَبَانَاۤ اِنَّ ابْنَكَ سَرَقَ ۚ وَمَا شَهِدْنَاۤ اِلَّا بِمَا عَلِمْنَا وَمَا
پوءِ چئو اي اسان جا ابا تنهنجي پٽ چوري ڪئي، ۽ نہ بيان ڪيو اسان مگر جيڪي ڄاتوسون ۽ نہ
پوءِ چئو تہ اي ابا! تنهنجي پٽ چوري ڪئي ۽ جيڪي ڄاتوسون ان کان سواءِ ٻي (ڳالهہ) جي شاهدي نہ ڏني سون ۽
كُنَّا لِلْغَیْبِ حٰفِظِیْنَ ﴿۸۱﴾ وَسْـَٔلِ الْقَرْیَةَ الَّتِیْ كُنَّا فِیْهَا وَالْعِیْرَ
هئاسون اسان پريڻ جا نگهبان. ۽ پڇا ڪر ان ڳوٺ کان جنهن ۾ اسين هئاسون ۽ انهيءَ قافلي
اسين ڳجھہ (جي خبر) نہ ڄاڻندا هئاسون. ۽ جنهن ڳوٺ ۾ هئاسون انهيءَ کان ۽ جنهن قافلي ۾ آياسون
الَّتِیْۤ اَقْبَلْنَا فِیْهَا ؕ وَاِنَّا لَصٰدِقُوْنَ ﴿۸۲﴾ قَالَ بَلْ سَوَّلَتْ لَكُمْ
کان بہ آيا آهيون جنهن ۾ ۽ اسين سچ ٿا چئون. فرمايائين نہ پر ٺاهي ڏني آهي توهان کي
تنهن کان پڇا ڪر! ۽ اسين ضرور سچا آهيون. (يعقوب) چيو تہ (نہ!) بلڪ توهان جي نفس اوهان لاءِ (هيءَ)
اَنْفُسُكُمْ اَمْرًا ؕ فَصَبْرٌ جَمِیْلٌ ؕ عَسَی اللّٰهُ اَنْ یَّاْتِیَنِیْ بِهِمْ
توهان جي نفسن اها ڳالهہ، پوءِ صبر ئي بهتر آهي، اميد آهي تہ الله آڻيندو مون وٽ انهن
ڳالهہ ٺاهي آهي تنهن ڪري چڱو صبر ڪرڻ (منهنجو ڪم) آهي. اميد آهي تہ الله انهن سڀني کي مون وٽ آڻيندو.
جَمِیْعًا ؕ اِنَّهٗ هُوَ الْعَلِیْمُ الْحَكِیْمُ ﴿۸۳﴾ وَتَوَلّٰی عَنْهُمْ وَقَالَ یٰۤاَسَفٰی
سڀني کي، اهوئي علم رکندڙ آهي حڪمت وارو آهي. ۽ منهن ڦيريائين انهن کان ۽ چيائين هاءِ افسوس
ڇو تہ اهو ڄاڻندڙ حڪمت وارو آهي. ۽ کانئن منهن موڙيائين ۽ چيائين يوسف لاءِ مون کي افسوس آهي!
عَلٰی یُوْسُفَ وَابْیَضَّتْ عَیْنٰهُ مِنَ الْحُزْنِ فَهُوَ كَظِیْمٌ ﴿۸۴﴾
يوسف تي ۽ اڇيون ٿي ويون هئي اکيون ان جون ڏک کان پوءِ اهو هئو ڏکارو.
۽ سندس هئي اکيون ڏک کان اڇيون ٿيون پوءِ اهو ڏک ڀريل هو!
قَالُوْا تَاللّٰهِ تَفْتَؤُا تَذْكُرُ یُوْسُفَ حَتّٰی تَكُوْنَ حَرَضًا اَوْ
چيائون تہ الله جو قسم تون ہميشہ ياد ڪندو رهندين يوسف کي جيستائين ٿئين تون لاڳر يا
۽ (سندس گھراڻي وارن) چيو تہ الله جو قسم آهي! تہ تون سدائين يوسف کي ساريندو رهندين جيسين مرڻ ڪنڌيءَ تي

تَكُوْنَ مِنَ الْهٰلِكِيْنَ ﴿٨٥﴾ قَالَ اِنَّمَآ اَشْكُوْا بَثِّيْ وَحُزْنِيْٓ
تئين مئلن مان. چيائين آءٌ رڳو پڌايان ٿو وڇوڙو پنهنجو ۽ ڏک پنهنجو
ٿئين يا مئلن مان ٿئين. چيائين آءٌ ته پنهنجو ڏک ۽ بي قراري الله جي جناب ۾ بيان ڪندو آهيان
اِلَى اللّٰهِ وَاَعْلَمُ مِنَ اللّٰهِ مَا لَا تَعْلَمُوْنَ ﴿٨٦﴾ يٰبَنِيَّ اذْهَبُوْا فَتَحَسَّسُوْا
الله کي ۽ ڄاڻان ٿو الله کان اهو جيڪو توهان نه ٿا ڄاڻو. اي پٽؤ وڃو پوءِ ڳولا ڪريو
۽ الله جي طرف کان اهو ڄاڻندو آهيان جو اوهين نه ڄاڻندا آهيو. اي منهنجا پٽو! وڃو ۽
مِنْ يُّوْسُفَ وَاَخِيْهِ وَلَا تَايْـَٔسُوْا مِنْ رَّوْحِ اللّٰهِ ؕ اِنَّهٗ لَا يَايْـَٔسُ
يوسف ۽ ان جي ڀاءُ جي ۽ نا اميد نه ٿيو الله جي رحمت کان، بيشڪ نا اميد نه ٿا ٿين
يوسف ۽ سندس ڀاءُ جي ڳولا ڪريو ۽ الله جي رحمت کان نااميد نه ٿيو، ڇو ته الله جي ٻاجھه کان
مِنْ رَّوْحِ اللّٰهِ اِلَّا الْقَوْمُ الْكٰفِرُوْنَ ﴿٨٧﴾ فَلَمَّا دَخَلُوْا عَلَيْهِ قَالُوْا
الله جي رحمت کان مگر ڪافر ماڻهو پوءِ جڏهن آيا ان وٽ چيائون
ڪافرن جي قوم کان سواءِ (ٻيو) ڪو (به) نااميد نه ٿيندو آهي. پوءِ جنهن مهل يوسف وٽ آيا (تنهن مهل) چيائون
يٰٓاَيُّهَا الْعَزِيْزُ مَسَّنَا وَاَهْلَنَا الضُّرُّ وَجِئْنَا بِبِضَاعَةٍ مُّزْجٰىةٍ
اي عزيز پهتي آهي اسان کي ۽ اسان جي عيال کي سختي ۽ آندا اٿئون پيسا ٿورڙا
ته اي عزيز! اسان کي ۽ اسان جي گهر وارن کي (ڏڪار جي) تڪليف پهتي آهي ۽ نڪمي ڪجھه قيمت کڻي آيا آهيون
فَاَوْفِ لَنَا الْكَيْلَ وَتَصَدَّقْ عَلَيْنَا ؕ اِنَّ اللّٰهَ يَجْزِي الْمُتَصَدِّقِيْنَ ﴿٨٨﴾
پوءِ تون پوري ڏج اسان کي ماڻ ۽ خيرات ڪر اسان تي، بيشڪ الله بدلو ڏيندو آهي خيرات ڪندڙن کي.
پوءِ اسان کي پوري مٿپ ڏي ۽ اسان کي (ڪجھه) خيرات (به) ڏي، ڇو ته الله خير ڪندڙن کي چڱو بدلو ڏيندو آهي.
قَالَ هَلْ عَلِمْتُمْ مَّا فَعَلْتُمْ بِيُوْسُفَ وَاَخِيْهِ اِذْ اَنْتُمْ جٰهِلُوْنَ ﴿٨٩﴾
چيائين ڇا ڄاڻو ٿا جيڪي توهان ڪيو يوسف ۽ ان جي ڀاءُ سان جڏهن توهان هئا بي سمجھه.
يوسف ڪين چيو ته جڏهن اوهين بي سمجھه هيو تڏهن جيڪي اوهان يوسف ۽ سندس ڀاءُ سان ڪيو سو ڄاڻو ٿا؟
قَالُوْٓا ءَاِنَّكَ لَاَنْتَ يُوْسُفُ ؕ قَالَ اَنَا يُوْسُفُ وَهٰذَآ اَخِيْ ؗ قَدْ مَنَّ
چيائون ڇا تون ئي يوسف آهين؟ چيائين آءٌ يوسف آهيان ۽ هيءُ منهنجو ڀاءُ آهي، احسان ڪيو آهي
چيائون ته، تون پڪ يوسف آهين ڇا؟ چيائين (هائو) آءٌ يوسف آهيان ۽ هيءُ منهنجو ڀاءُ آهي، بيشڪ
اللّٰهُ عَلَيْنَا ؕ اِنَّهٗ مَنْ يَّتَّقِ وَيَصْبِرْ فَاِنَّ اللّٰهَ لَا يُضِيْعُ اَجْرَ
الله اسان تي، يقينن جيڪو پرهيزڪندو ۽ صبر ڪندو ته بيشڪ الله نه ٿو وڃائي اجر
الله اسان تي احسان ڪيو آهي، جيڪو پرهيزگاري ڪندو ۽ صبر ڪندو ته الله ڀلارن جو اجر نه وڃائيندو آهي.

الْمُحْسِنِيْنَ ﴿٩٠﴾ قَالُوْا تَاللّٰهِ لَقَدْ اٰثَرَكَ اللّٰهُ عَلَيْنَا وَاِنْ كُنَّا

چڱائي ڪندڙن جو. چيائون الله جو قسم چونڊيو آهي توکي الله اسان تي ۽ بيشڪ اسين هئاسون

چيائون ته الله جو قسم آهي! ته بيشڪ الله توکي اسان کان ڀلو ڪيو آهي ۽ بيشڪ اسين

لَخٰطِئِيْنَ ﴿٩١﴾ قَالَ لَا تَثْرِيْبَ عَلَيْكُمُ الْيَوْمَ ۭ يَغْفِرُ اللّٰهُ لَكُمْ ۡ وَهُوَ

غلط ڪار. چيائين ناهي ميار توهان تي اڄ، بخشيندو الله توهان کي ۽ اهو

خطا ڪندڙ هئاسون. (يوسف) چيو اڄ اوهان تي ڪا ميار ڪانهي، الله اوهان کي بخشيندو ۽ آهو

اَرْحَمُ الرّٰحِمِيْنَ ﴿٩٢﴾ اِذْهَبُوْا بِقَمِيْصِيْ هٰذَا فَاَلْقُوْهُ عَلٰى وَجْهِ

وڏيڪ مهربان آهي سڀني مهربانن کان. کڻي وڃو قميص منهنجي هيءُ پوءِ وجهو اها مُنهن تي منهنجي

(سڀني) ٻاجهارن کان وڌ ٻاجهارو آهي. هي منهنجو پهراڻ کڻي وڃو پوءِ اُهو منهنجي پيءُ جي منهن تي گهمايو

اَبِيْ يَاْتِ بَصِيْرًا ۚ وَاْتُوْنِيْ بِاَهْلِكُمْ اَجْمَعِيْنَ ﴿٩٣﴾ وَلَمَّا فَصَلَتِ

اَبي جي ته ايندو ڏسندڙ تي، ۽ آڻيو مون وٽ پنهنجو ڪٽنب سارو. ۽ جڏهن نڪتو

ته ڏسندڙ ٿيندو ۽ مڙيئي پنهنجي گهر جا ڀاتي مون وٽ آڻيو. ۽ جنهن مهل قافلو (مصر مان) نڪتو

الْعِيْرُ قَالَ اَبُوْهُمْ اِنِّيْ لَاَجِدُ رِيْحَ يُوْسُفَ لَوْلَآ اَنْ تُفَنِّدُوْنِ ﴿٩٤﴾

قافلو چيو پيءُ انهن جي ته آءٌ لهان ٿو خوشبوءِ يوسف جي جيڪڏهن نه سودائي چئو مونکي.

(تنهن مهل) سندن پيءُ چيو ته جيڪڏهن (اوهين) مون کي اٻوجهه نه سمجهو ته مون کي يوسف جي بوءِ اچي ٿي.

قَالُوْا تَاللّٰهِ اِنَّكَ لَفِيْ ضَلٰلِكَ الْقَدِيْمِ ﴿٩٥﴾ فَلَمَّآ اَنْ جَآءَ الْبَشِيْرُ

چيائون الله جو قسم تون ته آهين پنهنجي ڀُل پُراڻي ۾ پوءِ جڏهن آيو خوشخبري ڏيندڙ

چيائون ته الله جو قسم آهي! ته تون اڳئين وساري ۾ آهين. پوءِ جنهن مهل خوشخبري ڏيندڙ آيو

اَلْقٰىهُ عَلٰى وَجْهِهٖ فَارْتَدَّ بَصِيْرًا ۚ قَالَ اَلَمْ اَقُلْ لَّكُمْ ۚ اِنِّيْٓ

وڌائين اهو چولو سندس منهن تي ته موٽي ٿيو ڏسندڙ، چيائين مون نه ٿي چيو توهان کي، ته آءٌ

تنهن مهل سندس منهن تي اهو (پهراڻ) گهمايائين ته ڦري ڏسندڙ ٿيو، چيائين ته اوهان کي نه چيو هوم ڇا ته آءٌ

اَعْلَمُ مِنَ اللّٰهِ مَا لَا تَعْلَمُوْنَ ﴿٩٦﴾ قَالُوْا يٰٓاَبَانَا اسْتَغْفِرْ لَنَا ذُنُوْبَنَآ

ڄاڻان ٿو الله جي طرفان اهو جيڪي توهان نه ٿا ڄاڻو. چيائون اي ابا اسان جا بخشش گهُر اسان لاءِ اسان جي گناهن جي

الله جي پاران اُهو ڄاڻندو آهيان جيڪي اوهين نه ڄاڻندا آهيو؟ چيائون ته اي اسان جا ابا! اسان لاءِ اسان جي گناهن جي بخشش گهر!

اِنَّا كُنَّا خٰطِئِيْنَ ﴿٩٧﴾ قَالَ سَوْفَ اَسْتَغْفِرُ لَكُمْ رَبِّيْ ۭ اِنَّهٗ هُوَ الْغَفُوْرُ

بيشڪ اسان خطاڪار آهيون. چيائين جلد معافي گهُرندس توهان لاءِ پنهنجي رب کان اهوئي بخشيندڙ

اسين بيشڪ گنهگار آهيون. (يعقوب) چيو ته (آءٌ) سگهو اوهان لاءِ پنهنجي پالڻهار کان بخشش گهرندس ڇو ته اهو ئي بخشڻهار

ع ١٠

الرَّحِيْمُ ﴿٩٨﴾ فَلَمَّا دَخَلُوْا عَلٰى يُوْسُفَ اٰوٰٓى اِلَيْهِ اَبَوَيْهِ وَقَالَ

مهربان آهي. پوءِ جڏهن آيا يوسف وٽ لاٿائين پاڻ وٽ پنهنجي پيءُ ماءُ کي ۽ چيائين

مهربان آهي. پوءِ جنهن مهل يوسف وٽ پهتا (تنهن مهل) پنهنجي ماءُ پيءُ کي پاڻ وٽ جاءِ ڏنائين ۽ چيائين

ادْخُلُوْا مِصْرَ اِنْ شَآءَ اللّٰهُ اٰمِنِيْنَ ﴿٩٩﴾ وَرَفَعَ اَبَوَيْهِ

رهو مصر ۾ جي گهريو الله بي خوف ٿي. ۽ مٿي ويهاريائين پيءُ ماءُ کي

ته جيڪڏهن الله گهريو ته مصر ۾ بي ڊپا ٿي گهڙوا ۽ پنهنجي ماءُ پيءُ کي تخت تي ويهاريائين

عَلَى الْعَرْشِ وَخَرُّوْا لَهٗ سُجَّدًا ۚ وَقَالَ يٰٓاَبَتِ هٰذَا تَاْوِيْلُ رُءْيَايَ

تخت تي ۽ جهڪي پيا انهيءَ لاءِ سجدي ۾. ۽ چيائين اي ابا هيءُ آهي معني منهنجي خواب

۽ اهي ڏانهس ڪنڌ نوڙائي جُهڪيا، ۽ (يوسف) چيو ته اي منهنجا ابا! هيءُ منهنجي اڳين خواب جو تعبير آهي.

مِنْ قَبْلُ ۫ قَدْ جَعَلَهَا رَبِّيْ حَقًّا ؕ وَقَدْ اَحْسَنَ بِيْٓ اِذْ اَخْرَجَنِيْ

اڳئين جي ڪيو آهي ان کي منهنجي رب سچو. ۽ مهرباني ڪيائين مون سان جڏهن ڪڍيائين مون کي

بيشڪ منهنجي پالڻهار ان کي سچو ڪيو، ۽ (الله) مون سان تڏهن بيشڪ احسان ڪيو جڏهن مون کي قيد مان ٻاهر ڪڍيائين

مِنَ السِّجْنِ وَجَآءَ بِكُمْ مِّنَ الْبَدْوِ مِنْۢ بَعْدِ اَنْ نَّزَغَ الشَّيْطٰنُ

بندِ مان ۽ آندائين توهان کي ٻهراڙي مان انهيءَ کان پوءِ جو فساد وڌو شيطان

۽ منهنجي ۽ منهنجي ڀائرن جي وچ ۾ شيطان ڦيٽائي وڌي تنهن کان پوءِ اوهان کي ٻهراڙيءَ کان (شهر ۾) آندائين.

بَيْنِيْ وَبَيْنَ اِخْوَتِيْ ؕ اِنَّ رَبِّيْ لَطِيْفٌ لِّمَا يَشَآءُ ؕ اِنَّهٗ هُوَ الْعَلِيْمُ

منهنجي ۽ منهنجي ڀائرن جي وچ ۾. بيشڪ منهنجو پالڻهار وڙ ڪندڙ آهي جنهن تي گهري، اهوئي علم رکندڙ آهي

جو ته منهنجو پالڻهار جنهن لاءِ وڻيس تنهن تي احسان ڪندڙ آهي، سچ آهي ته اهو ڄاڻندڙ حڪمت وارو آهي.

الْحَكِيْمُ ﴿١٠٠﴾ رَبِّ قَدْ اٰتَيْتَنِيْ مِنَ الْمُلْكِ وَعَلَّمْتَنِيْ مِنْ تَاْوِيْلِ

حڪمت وارو آهي. اي منهنجا رب توئي ڏني مونکي حڪومت ۽ سيکاري تو مون کي معني ڪرڻ

(يوسف چيو ته) اي منهنجا پالڻهار! بيشڪ مون کي بادشاهي ڏني اٿيئي ۽ مون کي خوابن جو تعبير

الْاَحَادِيْثِ ۚ فَاطِرَ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ ۫ اَنْتَ وَلِيّٖ فِى الدُّنْيَا

ڳالهين جي، اي پيدا ڪندڙ آسمانن ۽ زمين جا، تون ئي منهنجو ڪم ٺاهيندڙ آهين دنيا

سيکاريو اٿيئي، اي آسمان ۽ زمين جا بڻائيندڙ! تون دنيا ۽ آخرت ۾ منهنجو وارث آهين.

وَالْاٰخِرَةِ ۚ تَوَفَّنِيْ مُسْلِمًا وَّاَلْحِقْنِيْ بِالصّٰلِحِيْنَ ﴿١٠١﴾ ذٰلِكَ

۽ آخرت ۾، وفات ڏي مونکي اسلام تي ۽ ملاءِ مونکي صالحن سان. اهو سڀ

مون کي مسلمان ڪري مار ۽ مون کي صالحن سان شامل ڪرا (اي پيغمبرا) اِهو (قصو) ڳجهين خبرن

مِنْ اَنْۢبَآءِ الْغَيْبِ نُوْحِيْهِ اِلَيْكَ ۚ وَمَا كُنْتَ لَدَيْهِمْ اِذْ اَجْمَعُوْٓا

غيب جي خبرن مان آهي جو موڪليون ٿا توڏانهن، ۽ ڪونه هئين تون انهن وٽ جڏهن پڪو ڪيائون

مان آهي جو تو ڏانهن وحي ڪريون ٿا، ۽ انهن جڏهن فريب ڪندڙ ٿي پنهنجي ڪم جو ارادو ٿي ڪيو تڏهن

اَمْرَهُمْ وَهُمْ يَمْكُرُوْنَ ﴿١٠٢﴾ وَمَآ اَكْثَرُ النَّاسِ وَلَوْ حَرَصْتَ

پنهنجي ڪم کي ۽ اهي سٽ پيا سِٽين. ۽ نه آهن گهڻا ماڻهو توڻي تون حرص ڪرين

تون وٽن ڪونه هئين. ۽ (اي پيغمبرا) جيتوڻيڪ حرص ڪرين ته به گهڻا ماڻهو ايمان آڻيندڙ نه آهن.

بِمُؤْمِنِيْنَ ﴿١٠٣﴾ وَمَا تَسْـَٔلُهُمْ عَلَيْهِ مِنْ اَجْرٍ ؕ اِنْ هُوَ اِلَّا ذِكْرٌ

ايمان آڻيندڙ. ۽ نڪو گهرين تون انهن کان ان تي ڪو اجورو. ناهي اها مگر نصيحت

۽ (تون) ان (قرآن جي پهچائڻ) تي ڪانئن ڪو اُجورو نه گهرندو آهين. اهو جهانن جي نصيحت کان سواءِ (ٻيو ڪجهه) نه آهي.

لِّلْعٰلَمِيْنَ ﴿١٠٤﴾ ع وَكَاَيِّنْ مِّنْ اٰيَةٍ فِي السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ يَمُرُّوْنَ

ساري جهان لاءِ. ۽ ڪيتريون نشانيون آهن آسمانن ۽ زمين ۾ جو گذرن ٿا

۽ ڪيتريون ئي نشانيون آسمانن ۽ زمين ۾ آهن جن تان لنگهندا آهن ۽ اهي (ڏسي ڪري)

عَلَيْهَا وَهُمْ عَنْهَا مُعْرِضُوْنَ ﴿١٠٥﴾ وَمَا يُؤْمِنُ اَكْثَرُهُمْ بِاللّٰهِ

انهن تان ۽ اهي انهن کان منهن موڙيندڙ آهن. ۽ نه ٿا ايمان آڻن گهڻا ماڻهو الله تي

اُنهن (تي ڌيان ڏيڻ) کان منهن موڙيندا آهن. ۽ منجهانئن گهڻا الله تي ايمان نه آڻيندا آهن پر

اِلَّا وَهُمْ مُّشْرِكُوْنَ ﴿١٠٦﴾ اَفَاَمِنُوْٓا اَنْ تَاْتِيَهُمْ غَاشِيَةٌ

مگر اهي شرڪ ڪندڙ آهن. ڇا پوءِ اهي بي ڊپا آهن ان کان جو اچي پوين ڇپ

اهي (الله سان) شريڪ بڻائيندڙ آهن. (اهي) الله جي عذاب مان پاڻ وٽ ڇپ اچڻ کان

مِّنْ عَذَابِ اللّٰهِ اَوْ تَاْتِيَهُمُ السَّاعَةُ بَغْتَةً وَّهُمْ لَا يَشْعُرُوْنَ ﴿١٠٧﴾

الله جي عذاب جي يا اچي انهن تي قيامت اوچتو ۽ اهي خبر ئي نه رکن.

يا قيامت جي (اهڙي حالت ۾) اوچتي پهچڻ کان بي پروا ٿيا آهن ڇا؟ جو اهي نه ڄاڻندا هجن.

قُلْ هٰذِهٖ سَبِيْلِيْٓ اَدْعُوْٓا اِلَى اللّٰهِ ؔ عَلٰى بَصِيْرَةٍ اَنَا وَ

چئو هيءَ منهنجي راهه آهي سڏيان ٿو الله ڏانهن سمجهه تي مان ۽

(اي پيغمبرا) چئو ته، هيءَ منهنجي واٽ آهي پڌري حجت سان. الله ڏانهن سڏيان ٿو. آءٌ ۽

مَنِ اتَّبَعَنِيْ ؕ وَسُبْحٰنَ اللّٰهِ وَمَآ اَنَا مِنَ الْمُشْرِكِيْنَ ﴿١٠٨﴾ وَمَآ

منهنجا پوئلڳ. ۽ الله پاڪ آهي ۽ ناهيان مان شرڪ ڪندڙن مان. ۽ نه

منهنجا تابعدار به (سڏيندا آهن.) ۽ الله پاڪ آهي ۽ آءٌ مشرڪن مان نه آهيان. ۽ (اي پيغمبرا!)

أَرْسَلْنَا مِنْ قَبْلِكَ إِلَّا رِجَالًا نُّوحِيٓ إِلَيْهِمْ مِّنْ أَهْلِ الْقُرٰى ؕ

موڪليو سون توڪان اڳ ۾ مگر مردن کي وحي ڪيوسون جن ڏانهن جي ڳوٺن وارا هئا.

اسان توکان اڳ شهر وارن مان مَردن کان سواءِ بيو ڪونہ موڪليوسون جن ڏانهن وحي ڪيوسون.

أَفَلَمْ يَسِيرُوا فِي الْأَرْضِ فَيَنْظُرُوا كَيْفَ كَانَ عَاقِبَةُ الَّذِينَ

ڇا پوءِ نہ گهميا آهن ملڪ ۾ جو ڏسن ها تہ ڪيئن ٿي پڇاڙي انهن جي جيڪي

پوءِ ڇو نہ زمين ۾ گهمي ڏسندا آهن تہ جيڪي ڪانئن اڳ هئا تن جي پڇاڙي ڪهڙيءَ طرح ٿي

مِنْ قَبْلِهِمْ ؕ وَلَدَارُ الْاٰخِرَةِ خَيْرٌ لِّلَّذِينَ اتَّقَوْا ؕ أَفَلَا

اڳ هئا انهن کان ۽ جاءِ آخرت جي بهتر آهي انهن لاءِ جن پرهيز ڪئي، ڇا پوءِ نہ

۽ آخرت جو گهر انهن لاءِ ڀلو آهي جيڪي ڊڄندا آهن، پوءِ ڇو نہ ڄاڻندا آهيو؟

تَعْقِلُونَ ﴿١٠٩﴾ حَتّٰىٓ إِذَا اسْتَيْئَسَ الرُّسُلُ وَظَنُّوٓا أَنَّهُمْ قَدْ

تا سمجهو. نيٺ جڏهن مايوس ٿيا رسول ۽ ماڻهن ڀانيو تہ ساڻن

(ايستائين ڍر ڏني سون) جيستائين پيغمبر (مدد پهچڻ کان) نااُميد ٿيڻ لڳا ۽ (سندن قوم) ڀانيو تہ انهن سان

كُذِبُوا جَآءَهُمْ نَصْرُنَا ۙ فَنُجِّيَ مَنْ نَّشَآءُ ؕ وَلَا

ڪوڙ ڪيو ويو هئو تہ پهچي وئي انهن وٽ اسان جي مدد پوءِ بچايا ويا اهي جن کي اسان گهريو، ۽ نہ

ڪوڙو (انجام) ڪيو ويو آهي، وٽن اسان جي مدد پهتي پوءِ جنهن کي گهريوسون تنهن کي ڇوٽڪارو ڏنو ويو

يُرَدُّ بَأْسُنَا عَنِ الْقَوْمِ الْمُجْرِمِينَ ﴿١١٠﴾ لَقَدْ كَانَ فِي قَصَصِهِمْ

هٽايو ويندو عذاب اسان جو ماڻهن ڏوهارين کان. يقينن آهي انهن جي ڳالهين ۾

۽ ڏوهارڻ قوم کان اسان جو عذاب ٽاريو نہ ويندو آهي. بيشڪ عقل وارن لاءِ

عِبْرَةٌ لِّأُولِي الْأَلْبَابِ ؕ مَا كَانَ حَدِيثًا يُّفْتَرٰى

عبرت عقل وارن لاءِ، نہ آهي قرآن ڳالهہ هٿرادو ٺاهيل

انهن (پيغمبرن) جي قصن ۾ عبرت آهي، (هيءُ قرآن) ٺاوتي آکاڻي نہ آهي

وَلٰكِنْ تَصْدِيقَ الَّذِي بَيْنَ يَدَيْهِ وَتَفْصِيلَ كُلِّ

پر سچو ڪندڙ آهي ان کي جو ان کان اڳ ۾ آهي ۽ بيان آهي هر

پر جيڪي (ڪتاب) ڪانئس اڳ آهن تن کي سچو ڪندڙ آهي ۽ سڀ ڪنهن

شَيْءٍ وَّهُدًى وَّرَحْمَةً لِّقَوْمٍ يُّؤْمِنُونَ ﴿١١١﴾ ع

شيءِ جو ۽ هدايت ۽ رحمت آهي انهن ماڻهن لاءِ جيڪي ايمان آڻين.

شيءِ لاءِ تفصيل آهي ۽ ايمان واريءَ قوم لاءِ هدايت ۽ ٻاجهہ آهي.

ع ١٢/٢

سُوْرَةُ الرَّعْدِ مَدَنِيَّةٌ | بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ | اٰيَاتُهَا ٤٣ رُكُوْعَاتُهَا ٦

شروع الله ٻاجهاري مهربان جي نالي سان.

الله ٻاجهاري مهربان جي نالي سان (شروع)

الٓمّٓرٰ قف تِلْكَ اٰيٰتُ الْكِتٰبِ ط وَالَّذِيْٓ اُنْزِلَ اِلَيْكَ مِنْ رَّبِّكَ الْحَقُّ وَلٰكِنَّ

المّرا. هي آهن آيتون ڪتاب جون. ۽ جو نازل ڪيو ويو تو ڏانهن تنهنجي رب کان اهو سچ آهي پر

المر. هي ڪتاب جون آيتون آهن. ۽ جيڪي تو ڏانهن تنهنجي پالڻهار وٽان نازل ڪيو ويو سو حق آهي پر

اَكْثَرَ النَّاسِ لَا يُؤْمِنُوْنَ (1) اَللّٰهُ الَّذِيْ رَفَعَ السَّمٰوٰتِ بِغَيْرِ عَمَدٍ تَرَوْنَهَا ثُمَّ

ڪيترا ماڻهو نه ٿا مڃين. الله اهو آهي جنهن مٿي ڪيو آسمانن کي ريءَ ٿنڀي جو ڏسو ان کي پوءِ

گهڻا ماڻهو نه مڃيندا آهن. الله اهو آهي جنهن آسمانن کي بنا ٿنڀن جي کڙو ڪيو آهي، اُنهن کي ڏسو ٿا وري

اسْتَوٰى عَلَى الْعَرْشِ وَسَخَّرَ الشَّمْسَ وَالْقَمَرَ ط كُلٌّ يَّجْرِيْ لِاَجَلٍ مُّسَمًّى ط

اهو قائم رهيو عرش تي ۽ رُجهايائين سِجَ ۽ چنڊ کي، هرهڪ هلي ٿو مدت مقرر تائين،

عرش ڏي متوجه ٿيو ۽ سج ۽ چنڊ کي نوايائين. سيڪو ٺهرايل مدت تائين هلندو آهي. (اهو سيني)

يُدَبِّرُ الْاَمْرَ يُفَصِّلُ الْاٰيٰتِ لَعَلَّكُمْ بِلِقَآءِ رَبِّكُمْ تُوْقِنُوْنَ (2) وَهُوَ

اهو ٺاهي ٿو هرڪم کي بيان ڪري ٿو نشانين کي جيئن توهان پنهنجي رب سان ملاقات جو يقين ڪريو. ۽ اهو آهي

ڪمن کي رٿيندو آهي نشانيون تفصيل سان بيان ڪندو آهي ته مَنَ اوهين پنهنجي پالڻهار جي ملڻ جو يقين ڪريو. ۽ اهو (الله) آهي

الَّذِيْ مَدَّ الْاَرْضَ وَجَعَلَ فِيْهَا رَوَاسِيَ وَاَنْهٰرًا ط وَمِنْ كُلِّ الثَّمَرٰتِ

جنهن پکيڙيو ڌرتي کي ۽ ڪيائين ان ۾ جبل ۽ نديون، ۽ هرميون مان

جنهن زمين کي پکيڙيو ۽ منجهس جبل ۽ درياءَ بڻايائين، ۽ منجهس سڀ ڪنهن ميوي مان ٻه ٻه قسم

جَعَلَ فِيْهَا زَوْجَيْنِ اثْنَيْنِ يُغْشِي الَّيْلَ النَّهَارَ ط اِنَّ فِيْ ذٰلِكَ

پيدا ڪيائين انهن ۾ قسم ٻه ٻه ڍڪي ٿو رات کي ڏينهن سان. انهيءَ ۾

بڻايائين ڏينهن کي رات سان ڍڪيندو آهي، بيشڪ اُن ۾ پروڙيندڙ قوم لاءِ نشانيون آهن.

لَاٰيٰتٍ لِّقَوْمٍ يَّتَفَكَّرُوْنَ (3) وَفِي الْاَرْضِ قِطَعٌ مُّتَجٰوِرٰتٌ وَّجَنّٰتٌ

نشانيون آهن ماڻهن لاءِ جي فڪر ڪن ٿا. ۽ زمين ۾ ٽڪرا آهن لڳو لڳ ۽ باغ

۽ زمين ۾ (مختلف قسم جا) ٽڪرا لڳو لڳ آهن ۽ انگورن جا باغ آهن ۽ پوکون

مِّنْ اَعْنَابٍ وَّزَرْعٌ وَّنَخِيْلٌ صِنْوَانٌ وَّغَيْرُ صِنْوَانٍ يُّسْقٰى بِمَآءٍ

انگورن جا ۽ پوکون ۽ کجيون ٽِڙيون ۽ اڪيليون پياريو وڃي ٿو پاڻي

۽ کجيون آهن (انهن مان ڪي) جُهڳٽا ۽ (ڪي) هڪ ٿُڙ وارا آهن. انهن کي هڪ ئي پاڻي پياريو ويندو آهي.

وَّاحِدٍ ۙ وَّنُفَضِّلُ بَعۡضَهَا عَلٰى بَعۡضٍ فِى الۡاُكُلِ ؕ اِنَّ فِىۡ ذٰلِكَ

هڪ ئي، ۽ پلو ڪريون ٿا انهن مان ڪن کي ٻين تي ڦر ۾. بيشڪ انهيءَ ۾

۽ اسين ميوي ۾ ڪن (جي مزي) کي ڪن کان وڌيڪ ڪندا آهيون. بيشڪ اُن ۾ سمجهندڙ قوم لاءِ نشانيون آهن.

لَاٰيٰتٍ لِّقَوۡمٍ يَّعۡقِلُوۡنَ ﴿۴﴾ وَاِنۡ تَعۡجَبۡ فَعَجَبٌ قَوۡلُهُمۡ ءَاِذَا

نشانيون آهن ماڻهن لاءِ جيڪي غور ڪن ٿا. ۽ جيڪڏهن تون عجب ڪرين ته عجيب آهي انهن جو هي چوڻ ته ڇا جڏهن

۽ (اي پيغمبر!) جيڪڏهن توکي (سندن انڪار جو) عجب لڳندو آهي ته سندن (هن) چوڻ جو به عجب ڪرڻو آهي

كُنَّا تُرٰبًا ءَاِنَّا لَفِىۡ خَلۡقٍ جَدِيۡدٍ ؕ اُولٰٓئِكَ الَّذِيۡنَ كَفَرُوۡا بِرَبِّهِمۡ ۚ

ٿي وينداسون مٽي ڇا اسان هونداسون بناوت نئين ۾؟ اهي آهن جن انڪار ڪيو پنهنجي پالڻهار جو.

(جو چوندا آهن) ته هان، جڏهن مٽي ٿينداسون ته اسين وري نئين سر بڻايا وينداسون ڇا؟ اهي اهي آهن جن

وَاُولٰٓئِكَ الۡاَغۡلٰلُ فِىۡۤ اَعۡنَاقِهِمۡ ۚ وَاُولٰٓئِكَ اَصۡحٰبُ النَّارِ ۚ هُمۡ

۽ اهي آهن جو ڳٽ هوندا انهن جي ڳچين ۾، ۽ اهي ئي دوزخي آهن، اهي

پنهنجي پالڻهار جو انڪار ڪيو. ۽ اهي اهي آهن جن جي ڳچين ۾ ڳٽ هوندا، ۽ اهي دوزخي آهن. اهي

فِيۡهَا خٰلِدُوۡنَ ﴿۵﴾ وَيَسۡتَعۡجِلُوۡنَكَ بِالسَّيِّئَةِ قَبۡلَ الۡحَسَنَةِ وَ

اتي هميشه رهندا. ۽ تڪڙو گهرن ٿا توکان عذاب کي ڀلائي کان اڳ ۾ ۽

منجهس سدائين رهڻ وارا آهن. ۽ (اي پيغمبر!) ڀلائي (جي پهچڻ) کان اڳي ئي توکان برائي جلد گهرندا آهن ۽ بيشڪ

قَدۡ خَلَتۡ مِنۡ قَبۡلِهِمُ الۡمَثُلٰتُ ؕ وَاِنَّ رَبَّكَ لَذُوۡ مَغۡفِرَةٍ لِّلنَّاسِ

ٿي چڪيون آهن انهن کان اڳ ۾ ڪيئي عقوبتون، ۽ بيشڪ تنهنجو رب بخشڻ وارو آهي ماڻهن کي

ڪانئن اڳ (ماڻهن تي اهڙا) عذاب ٿي چڪا آهن، ۽ تنهنجو پالڻهار ماڻهن کي سندن ڏوهي هجڻ هوندي به

عَلٰى ظُلۡمِهِمۡ ۚ وَاِنَّ رَبَّكَ لَشَدِيۡدُ الۡعِقَابِ ﴿۶﴾ وَيَقُوۡلُ الَّذِيۡنَ

انهن جي ظلم هوندي، ۽ بيشڪ تنهنجو رب سخت عذاب ڪندڙ آهي. ۽ چون ٿا اهي ماڻهو

بخشڻ وارو آهي، ۽ تنهنجو پالڻهار سخت عذاب ڪرڻ وارو (به) آهي. ۽ ڪافر چوندا آهن ته

كَفَرُوۡا لَوۡلَاۤ اُنۡزِلَ عَلَيۡهِ اٰيَةٌ مِّنۡ رَّبِّهٖ ؕ اِنَّمَاۤ اَنۡتَ مُنۡذِرٌ وَّ

جن ڪفر ڪيو ڇو نه لاٿي وئي ان تي ڪا نشاني سندس رب کان. رڳو تون ڊيڄاريندڙ آهين ۽

هن (پيغمبر) تي سندن پالڻهار کان (ڪا به) نشاني ڇو نه نازل ڪئي وئي آهي؟ (اي پيغمبر!) تون رڳو ڊيڄاريندڙ آهين ۽

ع ۱ لِكُلِّ قَوۡمٍ هَادٍ ﴿۷﴾ اَللّٰهُ يَعۡلَمُ مَا تَحۡمِلُ كُلُّ اُنۡثٰى وَمَا تَغِيۡضُ

هر قوم لاءِ آهي هدايت ڪندڙ. الله ڄاڻي ٿو جيڪي کڻي ٿي پيٽ ۾ هر مادي ۽ جيڪي سُسائن ٿا

هر قوم لاءِ هدايت ڪرڻ وارو هوندو آهي. هر مادي (پنهنجي پيٽ ۾) جيڪو (حمل) کڻندي آهي سو الله ڄاڻندو آهي ۽

اَلْاَرْحَامُ وَمَا تَزْدَادُ ؕ وَكُلُّ شَیْءٍ عِنْدَهٗ بِمِقْدَارٍ ﴿٨﴾ عٰلِمُ

رحمَ ۽ جيڪي وڌائن ٿا. ۽ هر شيءِ انهيءَ وٽ آهي اندازسان. اهو ڄاڻندڙ آهي

ڳيرڻيون جيڪي گھٽائينديون آهن ۽ جيڪي وڌائينديون آهن (سو به ڄاڻندو آهي). ۽ هر شيءِ وٽس اندازي سان آهي.

الْغَیْبِ وَالشَّهَادَةِ الْكَبِیْرُ الْمُتَعَالِ ﴿٩﴾ سَوَآءٌ مِّنْكُمْ مَّنْ اَسَرَّ

ڳجهه ۽ ظاهر کي سڀ کان وڏو آهي مٿاهون آهي. برابر آهي ان وٽ جيڪو توهان مان لڪائي

ڳجهه ۽ ظاهر جو ڄاڻندڙ وڏو مٿاهون آهي. اوهان مان جيڪو ڳالهه هوريان ڪري ۽ جيڪو وڏي سڏ

الْقَوْلَ وَمَنْ جَهَرَ بِهٖ وَمَنْ هُوَ مُسْتَخْفٍۭ بِالَّیْلِ وَسَارِبٌۢ

ڳالهه کي ۽ جيڪو ڏاڍيان چوي ان کي ۽ جيڪو ڇپي پوندڙ آهي رات ۾ ۽ هلندڙ آهي

ڳالهائي ۽ جيڪو رات جو لڪي ۽ ڏينهن جو پڌرو ٿي گهمي (سي سندس علم ۾) هڪ جهڙا آهن.

بِالنَّهَارِ ﴿١٠﴾ لَهٗ مُعَقِّبٰتٌ مِّنْۢ بَیْنِ یَدَیْهِ وَمِنْ خَلْفِهٖ یَحْفَظُوْنَهٗ

ڏينهن ۾. انهيءَ لاءِ واري تي ايندڙ آهن سندس اڳيان ۽ سندس پٺيان جيڪي حفاظت ڪن ٿا ان جي

اُن (ماڻهو) لاءِ (ملائڪ پهريدار) هڪ ٻئي پٺيان ايندڙ سندس اڳيان ۽ سندس پوئتان (مقرر) آهن جو الله جي حڪم سان اُن جي نگهباني

مِنْ اَمْرِ اللّٰهِ ؕ اِنَّ اللّٰهَ لَا یُغَیِّرُ مَا بِقَوْمٍ حَتّٰی یُغَیِّرُوْا مَا

الله جي حڪم سان، بيشڪ الله نه ڦيرائي حالت ڪنهن قوم جي جيستائين اهي نه ڦيرائن حالت

ڪندا آهن. پڪ الله ڪنهن قوم جي حالت کي (ايستائين) نه ڦيرائيندو آهي جيستائين اُهي جيڪي سندن دلين ۾ آهي سو (پاڻ) نه ڦيرائين.

بِاَنْفُسِهِمْ ؕ وَاِذَآ اَرَادَ اللّٰهُ بِقَوْمٍ سُوْٓءًا فَلَا مَرَدَّ لَهٗ ۚ وَمَا لَهُمْ

پنهنجي، ۽ جڏهن گهري ٿو الله ڪنهن قوم لاءِ عذاب ته ناهي ڪوئي هٽائيندڙ ان کي ۽ ناهي انهن لاءِ

۽ جڏهن الله ڪنهن قوم جي خرابيءَ جو ارادو ڪندو آهي تڏهن اُن کي ڪو ٽرڻ ڪونهي، ۽ نه ڪي اُنهن جو

مِّنْ دُوْنِهٖ مِنْ وَّالٍ ﴿١١﴾ هُوَ الَّذِیْ یُرِیْكُمُ الْبَرْقَ خَوْفًا وَّ

ان کان سواءِ ڪوئي مددگار. اهوئي آهي جو ڏيکاري ٿو توهان کي کنوڻ خوف ۽

الله کان سواءِ ڪو مددگار آهي. اهو (الله) آهي جيڪو اوهان کي ڊپ ۽ اميد لاءِ وڄ ڏيکاريندو آهي

طَمَعًا وَّ یُنْشِئُ السَّحَابَ الثِّقَالَ ﴿١٢﴾ وَیُسَبِّحُ الرَّعْدُ بِحَمْدِهٖ

اميد لاءِ ۽ اڀاري ٿو ڪڪر ڳرا. ۽ سبحان پڙهي ٿو رعد سندس حمد سان

۽ ڳرن ڪڪرن کي اڀاريندو آهي. ۽ گاج ۽ (سڀ) ملائڪ سندس ڊپ کان سندس ساراه سان پاڪائي واکاڻيندا آهن.

وَالْمَلٰٓئِكَةُ مِنْ خِیْفَتِهٖ ۚ وَیُرْسِلُ الصَّوَاعِقَ فَیُصِیْبُ بِهَا

۽ ٻيا ملائڪ به سندس ڊپ کان، ۽ موڪلي ٿو وڄون پوءِ ڪيرائي ٿو اهي

۽ وڄون موڪليندو آهي پوءِ اهي جنهن لاءِ گهرندو آهي تنهن تي ڪيرائيندو آهي ۽

مَنْ يَّشَآءُ وَهُمْ يُجَادِلُوْنَ فِى اللّٰهِ ۚ وَهُوَ شَدِيْدُ الْمِحَالِ ﴿١٣﴾ لَهٗ

جنهن تي گهري ۽ اهي جهڳڙو پيا ڪن الله جي شان ۾، حالانڪ اهو سخت پڪڙوارو آهي. انهيءَ کي آهي

ڪافر الله بابت تڪرار ڪندا آهن. حالانڪ اهو سخت عذاب ڪرڻ وارو آهي. ڪيس (هر حال ۾) سڏڻ حق آهي.

دَعْوَةُ الْحَقِّ ؕ وَالَّذِيْنَ يَدْعُوْنَ مِنْ دُوْنِهٖ لَا يَسْتَجِيْبُوْنَ لَهُمْ

سڏڻ حق جو. ۽ اهي جيڪي سڏين ٿا ٻين کي نه ٿا ورنائين انهن کي

۽ (ڪافر) الله کان سواءِ جن کي سڏيندا آهن سي ڪين ڪنهن (به) طرح ورندي ڏيئي نه سگهندا (انهن سڏيندڙن جو مثال) رڳو انهيءَ (ماڻهوءَ)

بِشَىْءٍ اِلَّا كَبَاسِطِ كَفَّيْهِ اِلَى الْمَآءِ لِيَبْلُغَ فَاهُ وَمَا هُوَ بِبَالِغِهٖ ؕ وَ

ڪجهه به مگر جهڙو ڪوئي ٻڪ ڪري ٻئي هٿ پنهنجا پاڻيءَ ڏي جئن پهچي سندس وات ۾ ۽ ناهي اهو پهچندڙ ان کي. ۽

وانگر (آهي) جو پنهنجو ٻڪ پاڻيءَ ڏانهن هن لاءِ ڊگهيريندڙ هجي ته پاڻي سندس وات ۾ پوي ۽ اهو پاڻي سندس وات ۾ ڪڏهن پوڻ وارو نه

مَا دُعَآءُ الْكٰفِرِيْنَ اِلَّا فِىْ ضَلٰلٍ ﴿١٤﴾ وَلِلّٰهِ يَسْجُدُ مَنْ فِى السَّمٰوٰتِ

سڏ ڪافرن جو رڳو ضايع آهي. ۽ الله کي سجدو ڪن ٿا جيڪي آسمانن

آهي. ۽ ڪافرن جو سڏڻ رڳو گمراهيءَ ۾ هجڻ آهي. ۽ جيڪي آسمانن ۽ زمين ۾ آهن سي سرها ۽ اڻسرها الله کي سجدو ڪندا آهن

وَالْاَرْضِ طَوْعًا وَّكَرْهًا وَّظِلٰلُهُمْ بِالْغُدُوِّ وَالْاٰصَالِ ﴿١٥﴾ السجدة قُلْ

۽ زمين ۾ آهن خوشي ۽ ناخوشي ۽ انهن جا پاڇا به صُبح ۽ شام جو. چؤ

۽ سندن پاڇا (به) صبح جو ۽ سانجهيءَ جو (سجدو ڪندا آهن). (اي پيغمبر! ڪافرن) پڇ ته آسمانن ۽ زمين جو

مَنْ رَّبُّ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ ؕ قُلِ اللّٰهُ ؕ قُلْ اَفَاتَّخَذْتُمْ

ڪير آهي پاليندڙ آسمانن ۽ زمين جو، تون چؤ الله آهي، چؤ ڇا پوءِ توهان ورتو ٿا

پالڻهار ڪير آهي؟ (سندن پاران) چئو ته الله! (وري ڪافرن) پڇا ڪر ته پوءِ الله کان سواءِ ٻيا اهڙا مددگار ڇو ورتا اٿو

مِّنْ دُوْنِهٖٓ اَوْلِيَآءَ لَا يَمْلِكُوْنَ لِاَنْفُسِهِمْ نَفْعًا وَّلَا ضَرًّا ؕ قُلْ هَلْ

ٻين کي مددگار جو نه آهن مالڪ پنهنجي سِرَ لاءِ نفعي جا ۽ نڪي نقصان جا. چؤ ڇا

جي پنهنجو پاڻ کي نڪي نفعو ۽ نڪي نقصان پهچائي سگهندا آهن؟ (۽ اي پيغمبر!) ڪين چئو ته

يَسْتَوِى الْاَعْمٰى وَالْبَصِيْرُ ۙ اَمْ هَلْ تَسْتَوِى الظُّلُمٰتُ وَالنُّوْرُ ۚ

برابر آهي انڌو ۽ سڄو يا ڇا برابر آهي اونداهُ ۽ سوجهرو،

انڌو ۽ سڄو ڪو برابر آهي ڇا؟ يا اونداهيون ۽ سوجهرو برابر آهي ڇا؟ الله لاءِ (اهڙا) شريڪ

اَمْ جَعَلُوْا لِلّٰهِ شُرَكَآءَ خَلَقُوْا كَخَلْقِهٖ فَتَشَابَهَ الْخَلْقُ عَلَيْهِمْ ؕ

يا ڪيا اٿن الله لاءِ اهڙا شريڪ جن خلقيو هجي ان جي خلقڻ وانگر پوءِ گڏجي ويئي اها مخلوق انهن تي،

مقرر ڪيا اٿن ڇا جو (انهن) الله جي مخلوقات جهڙي (خلق) خلقي هجي جو (اها) خلق مٿن هڪ جهڙي ٿي پيئي آهي؟

السجدة ٢

قُلِ اللّٰهُ خَالِقُ كُلِّ شَيۡءٍ وَّهُوَ الۡوَاحِدُ الۡقَهَّارُ ﴿١٦﴾ اَنۡزَلَ

چؤ اللہ ئي پيدا ڪندڙ هر شيءِ جو آهي ۽ اهو ئي اڪيلو قبضو ڪندڙ آهي. لاٿائين

(اي پيغمبرا ڪين) چئو تہ سڀ ڪنهن جو خلقڻهار اللہ آهي ۽ اهوئي اڪيلو غالب آهي. (جنهن) آسمان کان پاڻي

مِنَ السَّمَآءِ مَآءً فَسَالَتۡ اَوۡدِيَةٌۢ بِقَدَرِهَا فَاحۡتَمَلَ السَّيۡلُ زَبَدًا

آسمان مان پاڻي پوءِ وهي هليون نئيون پنهنجي قدر آهر پوءِ کنيو چڙ گج

وسايو پوءِ واديون پنهنجي قدر سارو وهيون پوءِ چڙ اپامندڙ گج کي کنيو.

رَّابِيًا ؕ وَمِمَّا يُوۡقِدُوۡنَ عَلَيۡهِ فِى النَّارِ ابۡتِغَآءَ حِلۡيَةٍ اَوۡ مَتَاعٍ

اپرندڙ کي، ۽ انهيءَ مان بہ جو رجائن ٿا ان کي باهہ ۾ ڳاهڻ زيورن يا سامان لاءِ

۽ جيڪا شيءِ زيورن يا سامان جي طلب ڪرڻ لاءِ باهہ ۾ ڳاريندا آهن ان تي بہ

زَبَدٌ مِّثۡلُهٗ ؕ كَذٰلِكَ يَضۡرِبُ اللّٰهُ الۡحَقَّ وَالۡبَاطِلَ ؕ۬ فَاَمَّا الزَّبَدُ

گج اڀري ٿي ان جهڙي. اهڙي طرح مثال ڏئي ٿو الله حق ۽ باطل جو. پوءِ گج

ان جهڙي گج (ڦيندي) آهي، اهڙيءَ طرح الله ڪري ۽ ڪوڙي جو مثال ڏيندو آهي. پر گج

فَيَذۡهَبُ جُفَآءً ۚ وَاَمَّا مَا يَنۡفَعُ النَّاسَ فَيَمۡكُثُ فِى الۡاَرۡضِ ؕ

تہ وڃي ٿي سڪي، پر جا شيءِ فائدو ڏئي ٿي ماڻهن کي سا رهي ٿي ڌرتي ۾.

تہ سڪي (ختم ٿي) ويندي آهي، ۽ جا (شيءِ) ماڻهن کي نفعو ڏيندي آهي سا زمين ۾ رهندي آهي.

كَذٰلِكَ يَضۡرِبُ اللّٰهُ الۡاَمۡثَالَ ؕ﴿١٧﴾ لِلَّذِيۡنَ اسۡتَجَابُوۡا لِرَبِّهِمُ الۡحُسۡنٰى ؕ وقف النبي صلى الله عليه وآله وسلم

اهڙي طرح بيان ڪري ٿو الله مثالن کي. انهن لاءِ جن جيءُ چيو پنهنجي رب کي ڀلائي آهي.

اهڙي طرح الله مثال ڏيندو آهي. جن پنهنجي پالڻهار جو حڪم قبول ڪيو تن لاءِ ڀلائي آهي.

وَالَّذِيۡنَ لَمۡ يَسۡتَجِيۡبُوۡا لَهٗ لَوۡ اَنَّ لَهُمۡ مَّا فِى الۡاَرۡضِ جَمِيۡعًا وَّ

۽ جن نہ حڪم مڃيو ان جو جيڪر هجي انهن کي جيڪي زمين ۾ آهي سمورو ۽

۽ جيڪي سندس (حڪم) قبول نہ ٿا ڪن سي، جيڪي زمين ۾ آهي سو سڀ ۽ پڻ اوترو ساڻس (بيو) انهن

مِثۡلَهٗ مَعَهٗ لَافۡتَدَوۡا بِهٖ ؕ اُولٰٓئِكَ لَهُمۡ سُوۡٓءُ الۡحِسَابِ ۙ۬ وَمَاۡوٰىهُمۡ

اوترو بيو بہ ان سان گڏ تہ عوض ۾ ڏئي ڇڏين ان کي، انهن ماڻهن لاءِ آهي برو حساب ۽ جاءِ انهن جي

کي هجي، اهو جيڪدهن عيوض ڏين (تہ بہ قبول نہ ڪبو). انهن لاءِ حساب جي خرابي آهي. ۽ سندن جاءِ

جَهَنَّمُ ؕ وَبِئۡسَ الۡمِهَادُ ﴿١٨﴾ عـ اَفَمَنۡ يَّعۡلَمُ اَنَّمَآ اُنۡزِلَ اِلَيۡكَ النصف

دوزخ آهي، ۽ اهو بڇڙو هنڌ آهي. ڇا پوءِ جو ماڻهو سمجهي ٿو تہ جيڪي لاٿو ويو توڏانهن

دوزخ آهي، ۽ اها بڇڙي جاءِ آهي! پوءِ جيڪي تو ڏانهن تنهنجي پالڻهار کان نازل ڪيو ويو آهي تنهن کي جيڪو ڄاڻندو

مِنْ رَّبِّكَ الْحَقُّ كَمَنْ هُوَ اَعْمٰى ؕ اِنَّمَا يَتَذَكَّرُ اُولُوا الْاَلْبَابِ ⑲ الَّذِيْنَ

تنهنجي رب کان حق آهي اهو ان جهڙو آهي جو انڌو هجي، رڳو نصيحت وٺندا عقل وارا. جيڪي

آهي تہ سچ آهي سو ڪو اُن جهڙو آهي ڇا جيڪو انڌو هجي؟ سمجهہ وارن کان سواءِ ڪو نصيحت نہ وٺندو آهي. جيڪي

يُوْفُوْنَ بِعَهْدِ اللّٰهِ وَلَا يَنْقُضُوْنَ الْمِيْثَاقَ ⑳ وَالَّذِيْنَ يَصِلُوْنَ

پورو ڪن ٿا قول الله سان ۽ نہ ٿا ڀڃن واعدو. ۽ اهي جيڪي ڳنڍين ٿا

الله جو انجام پاڙيندا آهن ۽ انجام نہ ڀڃندا آهن.۽ الله جنهن جي ڳنڍڻ جو حڪم ڪيو تنهن

مَآ اَمَرَ اللّٰهُ بِهٖٓ اَنْ يُّوْصَلَ وَيَخْشَوْنَ رَبَّهُمْ وَيَخَافُوْنَ سُوْٓءَ

انڪي جو حڪم ڪيو الله ان جي ڳنڍڻ جو ۽ ڊڃن ٿا پنهنجي رب کان ۽ خوف ڪن ٿا خراب

ڪي جيڪي (ماڻهو) ڳنڍيندا آهن ۽ پنهنجي پالڻهار کان ڊڄندا آهن ۽ حساب جي سختيءَ جو ڀئو ڪندا آهن.

الْحِسَابِ ㉑ وَالَّذِيْنَ صَبَرُوا ابْتِغَآءَ وَجْهِ رَبِّهِمْ وَاَقَامُوا الصَّلٰوةَ

حساب جو. ۽ اهي جن صبر ڪيو طلب ڪرڻ خاطر رضا پنهنجي رب جي ۽ قائم ڪيائون نماز کي

۽ جن پنهنجي پالڻهار جي رضامندي حاصل ڪرڻ لاءِ صبر ڪيو ۽ نماز پڙهي ۽

وَاَنْفَقُوْا مِمَّا رَزَقْنٰهُمْ سِرًّا وَّعَلَانِيَةً وَّيَدْرَءُوْنَ بِالْحَسَنَةِ

۽ خرچ ڪيائون اسان جي ڏني مان لڪائي ۽ ظاهر ڪري ۽ ٽارين ٿا چڱائي سان

جيڪي کين روزي ڏني سون تنهن مان ڳجهو ۽ پڌرو خرچيائون ۽ ڀلائيءَ سان برائي ٽاريندا آهن

السَّيِّئَةَ اُولٰٓئِكَ لَهُمْ عُقْبَى الدَّارِ ㉒ جَنّٰتُ عَدْنٍ يَّدْخُلُوْنَهَا

بڇڙائي کي اهي ئي آهن جن لاءِ آهي آخرت واري جاءِ. باغ رهڻ جا اهي داخل ٿيندا انهن ۾

تن لاءِ آخرت جو گهر آهي. (جي) هميشگيءَ وارا باغ آهن اُن ۾ گهڙندا ۽

وَمَنْ صَلَحَ مِنْ اٰبَآئِهِمْ وَاَزْوَاجِهِمْ وَذُرِّيّٰتِهِمْ وَالْمَلٰٓئِكَةُ

۽ جيڪي صالح ٿيا انهن جي ابن ڏاڏن ۽ انهن جي زالن ۽ انهن جي اولاد مان ۽ ملائڪ

سندن ابن ڏاڏن ۽ سندن زالن ۽ سندن اولاد مان جيڪي سڌريل هوندا سي (بہ گهڙندا) ۽ سڀ ڪنهن

يَدْخُلُوْنَ عَلَيْهِمْ مِّنْ كُلِّ بَابٍ ㉓ سَلٰمٌ عَلَيْكُمْ بِمَا صَبَرْتُمْ

ايندا انهن وٽ هر دروازي کان. چوندا سلام آهي توهان تي جو صبر ڪيو هو توهان

دروازي کان مٿن ملائڪ گهڙندا. (چوندا تہ) اِنهيءَ ڪري جو (ڏکن ۾) صبر ڪيو هيوَ اوهان تي سلامتي آهي!

فَنِعْمَ عُقْبَى الدَّارِ ㉔ وَالَّذِيْنَ يَنْقُضُوْنَ عَهْدَ اللّٰهِ

پوءِ ڀلي آهي آخري جاءِ. ۽ جيڪي ماڻهو ڀڃن ٿا قول الله جو

پوءِ آخرت جو گهر ڀلو آهي. ۽ جيڪي الله جو انجام اُن جي پڪي ڪرڻ کان پوءِ ڀڃندا آهن

مِنْۢ بَعْدِ مِيْثَاقِهٖ وَيَقْطَعُوْنَ مَآ اَمَرَ اللّٰهُ بِهٖٓ اَنْ يُّوْصَلَ وَ

ان جي پڪي ڪرڻ ڪان پوءِ ۽ ڇنن ٿا ان کي جنهن لاءِ حڪم ڪيو الله گنڍڻ جو ۽

۽ الله جن ڪمن جي گنڍڻ جو حڪم ڪيو آهي سو ڇنندا آهن ۽

يُفْسِدُوْنَ فِي الْاَرْضِ ۙ اُولٰٓىِٕكَ لَهُمُ اللَّعْنَةُ وَلَهُمْ سُوْۗءُ الدَّارِ ٢٥

بگيڙو ٿا ڪن ملڪ ۾، انهن لاءِ ئي آهي ڦٽڪار ۽ انهن لاءِ آهي بڇڙي جاءِ.

زمين ۾ فساد وجهندا آهن، انهن تي لعنت آهي ۽ انهن لاءِ بڇڙو گهر آهي!

اَللّٰهُ يَبْسُطُ الرِّزْقَ لِمَنْ يَّشَاۗءُ وَيَقْدِرُ ۭ وَفَرِحُوْا بِالْحَيٰوةِ الدُّنْيَا ۭ

الله ڪشادو ڪري ٿو رزق جنهن جو گهري ۽ تنگ ڪري ٿو، ۽ اهي خوش ٿيا دنيا جي حياتي تي.

الله جنهن لاءِ گهرندو آهي تنهن لاءِ روزي ڪشادي ڪندو آهي، ۽ (ڪافر) دنيا جي حياتي سان خوش ٿيندا آهن.

وَمَا الْحَيٰوةُ الدُّنْيَا فِي الْاٰخِرَةِ اِلَّا مَتَاعٌ ٢٦ ع وَيَقُوْلُ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا ع ٩

۽ ناهي حياتي دنيا جي آخرت جي مقابلي ۾ مگر ٿورو سامان. ۽ چون ٿا اهي جن ڪفر ڪيو

۽ دنيا جي حياتي آخرت ۾ ٿوري موڙيءَ ڪان سواءِ نه آهي. ۽ ڪافر چوندا آهن ته هن جي پالڻهار کان هن تي

لَوْلَآ اُنْزِلَ عَلَيْهِ اٰيَةٌ مِّنْ رَّبِّهٖ ۭ قُلْ اِنَّ اللّٰهَ يُضِلُّ مَنْ

ڇو نه نازل ڪئي ويئي ان تي ڪا نشاني سندس رب کان، تون چؤ الله گمراهه ڪري ٿو جنهن کي

معجزو ڇو نه نازل ڪيو ويو آهي؟ (اي پيغمبر! کين) چئو ته الله جنهن جي لاءِ گهرندو آهي تنهن کي گمراهه ڪندو آهي

يَّشَاۗءُ وَيَهْدِيْٓ اِلَيْهِ مَنْ اَنَابَ ٢٧ ج صلے اَلَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَتَطْمَىِٕنُّ

گهري ۽ هدايت ڪندو آهي پاڻ ڏانهن ان کي جيڪو موٽي اچي. اهي جن ايمان آندو ۽ قرار ٿيون وٺن

۽ جيڪو موٽيو تنهن کي پاڻ ڏانهن هدايت ڪندو آهي. (اِهي اُهي آهن) جن ايمان آندو ۽ سندن دليون

قُلُوْبُهُمْ بِذِكْرِ اللّٰهِ ۭ اَلَا بِذِكْرِ اللّٰهِ تَطْمَىِٕنُّ الْقُلُوْبُ ٢٨ ۭ اَلَّذِيْنَ

دليون انهن جون الله جي ذڪر سان، خبردار الله جي ذڪر سان قرار وٺنديون آهن دليون. اهي جن

الله جي ذڪر سان آرامي ٿينديون آهن، خبردار! الله جي ذڪر سان دليون آرام وٺنديون آهن.

اٰمَنُوْا وَعَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ طُوْبٰى لَهُمْ وَحُسْنُ مَاٰبٍ ٢٩ كَذٰلِكَ

ايمان آندو ۽ ڪيائون چڱا ڪم طوبيٰ آهي انهن لاءِ ۽ سٺي رهائش. اهڙيءَ طرح

جن ايمان آندو ۽ چڱا عمل ڪيا تن لاءِ (آخرت ۾) خوشي ۽ چڱي جاءِ آهي. اهڙيءَ طرح

اَرْسَلْنٰكَ فِيْٓ اُمَّةٍ قَدْ خَلَتْ مِنْ قَبْلِهَآ اُمَمٌ لِّتَتْلُوَا۟ عَلَيْهِمُ

موڪليوسون توکي هڪ امت ۾ گذري ويون آهن ان کان اڳ ۾ ڪيئي امتون جيئن تون پڙهين انهن تي

توکي هڪ اهڙي ٽوليءَ ڏانهن جن، بيشڪ ڪانئن اڳ ڪيترين ٽوليون گذري ويون آهن، هن لاءِ موڪليوسون ته

الَّذِیْٓ اَوْحَیْنَآ اِلَیْكَ وَهُمْ یَكْفُرُوْنَ بِالرَّحْمٰنِ ؕ قُلْ هُوَ رَبِّیْ

جيڪو وحي ڪيوسون توڏانهن ۽ اهي انڪار ٿا ڪن رحمان جو. چؤ اهو منهنجو رب آهي

جيڪي تو ڏانهن وحي ڪيوسون سو ڪين پڙهي ٻڌائين. ۽ اُهي رحمان جا منڪر آهن. (اي پيغمبر! ڪين) چئو ته اهو منهنجو پالڻهار آهي.

لَآ اِلٰهَ اِلَّا هُوَ ۚ عَلَیْهِ تَوَكَّلْتُ وَاِلَیْهِ مَتَابِ ﴿٣٠﴾ وَلَوْ اَنَّ قُرْاٰنًا

ناهي ڪوئي عبادت جي لائق ان کانسواءِ. انهيءَ تي ڀروسو ڪيم ۽ انهيءَ ڏانهن ئي موٽڻو اٿم. ۽ جيڪڏهن هجي قرآن

اُن کان سواءِ ٻيو ڪو معبود نه آهي. مٿس ڀروسو ڪيم ۽ ڏانهس منهنجو موٽڻ آهي. ۽ جيڪڏهن سچ پچ قرآن اهڙو هجي ها

سُیِّرَتْ بِهِ الْجِبَالُ اَوْ قُطِّعَتْ بِهِ الْاَرْضُ اَوْ كُلِّمَ بِهِ الْمَوْتٰی ؕ بَلْ

ائين جو هلائجن انهيءَ سان ڀهاڙ يا ڪپجي ان سان ڌرتي يا ڳالهرائجي اُن سان مُئن ڪي. بلڪ

جو اُن سان جبل هلائجن ها يا اُن سان زمين ٽُڪر ٽُڪر ڪجي ها يا اُن سان مئلن ڪي ڳالهرائجي ها (ته به اُهي ايمان نه

لِّلّٰهِ الْاَمْرُ جَمِیْعًا ؕ اَفَلَمْ یَایْـَٔسِ الَّذِیْنَ اٰمَنُوْٓا اَنْ لَّوْ یَشَآءُ اللّٰهُ

الله لاءِ ئي آهي اختيار سمورو. ڇا پوءِ مايوس نه ٿيا آهن مومن (ڪافرن ڪان) جيڪڏهن گهري ها الله

آڻين ها). بلڪ سڀ ڪم الله جي وس ۾ آهن. اڃا مومنن نه ڄاتو آهي ڇا ته جيڪڏهن الله گهري ها

لَهَدَی النَّاسَ جَمِیْعًا ؕ وَلَا یَزَالُ الَّذِیْنَ كَفَرُوْا تُصِیْبُهُمْ

ته راهه ڏيکاري ها ماڻهن سمورن کي. ۽ هميشه ڪافرن کي پهچندو رهندو

ته سڀني ماڻهن کي هدايت ڪري ها؟ ۽ ڪافرن کي سندن ڪرتوتن سببان

بِمَا صَنَعُوْا قَارِعَةٌ اَوْ تَحُلُّ قَرِیْبًا مِّنْ دَارِهِمْ حَتّٰی یَاْتِیَ

سندن ڪئي سبب ڪو حادثو يا لهندو ويجهو انهن جي گهرن کان جيستائين اچي

سدائين سزا پهچندي آهي يا ايستائين سندن گهرن جي آسپاس پيئي پهچندي جيستائين الله جو انجام ايندو.

وَعْدُ اللّٰهِ ؕ اِنَّ اللّٰهَ لَا یُخْلِفُ الْمِیْعَادَ ﴿٣١﴾ ع وَلَقَدِ اسْتُهْزِئَ بِرُسُلٍ ع٤ ١٠

الله جو واعدو. بيشڪ الله نه ڦيرائيندو آهي وعدي کي. ۽ مسخري ڪئي وئي هئي رسولن سان

ڇو ته الله پنهنجي انجام کي نه ڦيرائيندو آهي. ۽ (اي پيغمبر!) بيشڪ تو کان اڳ پيغمبرن تي ٺٺوليون ڪيون ويون هيون

مِّنْ قَبْلِكَ فَاَمْلَیْتُ لِلَّذِیْنَ كَفَرُوْا ثُمَّ اَخَذْتُهُمْ ۫ فَكَیْفَ

تو کان اڳ ۾ پوءِ مون ڍر ڏني انهن کي جن ڪفر ڪيو پوءِ وٺ ڪيم انهن کي، پوءِ ڪيئن

پوءِ ڪافرن کي ڍر ڍنر وري ڪين پڪڙيم، پوءِ منهنجو عذاب ڪيئن هو!

كَانَ عِقَابِ ﴿٣٢﴾ اَفَمَنْ هُوَ قَآىِٕمٌ عَلٰی كُلِّ نَفْسٍۭ بِمَا كَسَبَتْ ۚ

هئو منهنجو عذاب. ڪيئن ٿا پائيو جيڪو خبر رکندڙ هجي هر شخص تي سندس ڪم جي،

سڀ ڪنهن ماڻهو جيڪي ڪمايو تنهن جي جيڪو خبر رکندڙ هجي (سو بيخبر بتن جهڙو آهي) ڇا؟ ۽ (ڪافرن) الله جا

وَجَعَلُوْا لِلّٰهِ شُرَكَآءَ ؕ قُلْ سَمُّوْهُمْ ؕ اَمْ تُنَبِّـُٔوْنَهٗ بِمَا لَا يَعْلَمُ

هو ڏانهن انهن بڻايا آهن الله لاءِ شريڪ. چئو نالا تہ وٺو انهن جا. يا توهان ٻڌايو ٿا الله کي جا اهو نہ ٿو ڄاڻي

شريڪ مقرر ڪيا آهن. (اي پيغمبر! ڪين) چئو تہ انهن جا نالا بيان ڪريو. يا ڪيس اهو ٻڌائيندا آهيو جا جيڪي (هو)

فِى الْاَرْضِ اَمْ بِظَاهِرٍ مِّنَ الْقَوْلِ ؕ بَلْ زُيِّنَ لِلَّذِيْنَ كَفَرُوْا

زمين ۾ يا ڪريو ٿا ڪا مٿاڇري ڳالهہ. ڪجهہ ناهي سينگار جي آيو آهي ڪافرن تي

زمين ۾ نہ ڄاڻندو آهي؟ يا (بنا حقيقت جي الله سان شريڪ ڪرڻ اِهي) چڙيون ڳالهيون آهن. بلڪ ڪافرن کي سندن بچڙو

مَكْرُهُمْ وَصُدُّوْا عَنِ السَّبِيْلِ ؕ وَمَنْ يُّضْلِلِ اللّٰهُ فَمَا لَهٗ

سندن مڪر ۽ روڪجي ويا الله جي راهہ کان. ۽ جنهن کي گمراهہ ڪري الله پوءِ ناهي انهيءَ لاءِ

خيال سهڻو ڪري ڏيکاريو ويو آهي ۽ اهي (سنئين) واٽ کان روڪيا ويا آهن. ۽ جنهن کي الله گمراهہ ڪري تنهن کي

مِنْ هَادٍ ﴿٣٣﴾ لَهُمْ عَذَابٌ فِى الْحَيٰوةِ الدُّنْيَا وَلَعَذَابُ الْاٰخِرَةِ

ڪو رهبر. انهن تي عذاب آهي دنيا جي حياتي ۾ ۽ عذاب آخرت جو

ڪو هدايت ڪرڻ وارو ڪونهي. انهن لاءِ دنيا جي حياتيءَ ۾ عذاب آهي ۽ بيشڪ آخرت جي سزا تہ بلڪل سخت آهي.

اَشَقُّ ۚ وَمَا لَهُمْ مِّنَ اللّٰهِ مِنْ وَّاقٍ ﴿٣٤﴾ مَثَلُ الْجَنَّةِ الَّتِىْ وُعِدَ

زور سخت آهي. ۽ ناهي انهن کي الله کان ڪوئي بچائيندڙ. بيان جنت جو جنهنجو وعدو ڪيل آهي

۽ ڪين الله (جي عذاب) کان ڪو بچائڻ وارو نہ آهي. جنهن بهشت جو پرهيزگارن سان انجام ڪيو ويو آهي تنهن جو

الْمُتَّقُوْنَ ؕ تَجْرِىْ مِنْ تَحْتِهَا الْاَنْهٰرُ ؕ اُكُلُهَا دَآئِمٌ وَّظِلُّهَا ؕ تِلْكَ

پرهيزگارن سان. تہ وهنديون ان جي هيٺان نهرون. ان جو ميوو اڻ کٽ آهي ۽ ان جو پاڇو بہ. اها آهي

بيان (هي) آهي تہ اُن جي هيٺان نهرون وهنديون آهن ۽ ان جا ميوا هميشہ آهن. ۽ ان جي ڇانو (سدائين رهندڙ آهي).

عُقْبَى الَّذِيْنَ اتَّقَوْا ۖ وَّعُقْبَى الْكٰفِرِيْنَ النَّارُ ﴿٣٥﴾ وَالَّذِيْنَ

پڇاڙي پرهيزگارن جي. ۽ پڇاڙي ڪافرن جي آهي باهہ. ۽ اهي

پرهيزگارن جي اها پڇاڙي آهي ۽ ڪافرن جي پڇاڙي باهہ آهي! ۽ جن کي ڪتاب ڏنو اٿئون سي

اٰتَيْنٰهُمُ الْكِتٰبَ يَفْرَحُوْنَ بِمَآ اُنْزِلَ اِلَيْكَ وَمِنَ الْاَحْزَابِ

جن کي ڏنو سون ڪتاب خوش ٿا ٿين انهيءَ سان جو نازل ڪيو ويو تو ڏانهن ۽ ڪي ٽولا آهن

جيڪي تو ڏانهن نازل ڪيو ويو آهي تنهن سان سرها ٿيندا آهن (انهن) جماعتن مان ڪو اهڙو آهي جو اُن جي ڪن (ڳالهين)

مَنْ يُّنْكِرُ بَعْضَهٗ ؕ قُلْ اِنَّمَآ اُمِرْتُ اَنْ اَعْبُدَ اللّٰهَ وَلَآ اُشْرِكَ

جي نہ ٿا مڃين ڪجهہ ان جو. چئو رڳو مونکي حڪم آهي تہ عبادت ڪريان الله جي ۽ نہ شريڪ ڪريان

جو انڪار ڪندو آهي. (اي پيغمبر! ڪين) چئو تہ مون کي انهيءَ ڪان سواءِ ٻيو حڪم نہ ڪيو ويو آهي تہ الله جي عبادت ڪريان ۽ ساڻس (ڪنهن

بِهٖ ؕ اِلَيْهِ اَدْعُوْا وَاِلَيْهِ مَاٰبِ ﴿٣٦﴾ وَكَذٰلِكَ اَنْزَلْنٰهُ حُكْمًا
ان سان. انهيءَ ڏانهن سڏيان ٿو ۽ انهيءَ ڏانهن ئي موٽڻو اٿم. ۽ اهڙيءَ طرح نازل ڪيوسون ان کي حڪم ڪري
ڪي) شريڪ نہ ڪريان. ڏانهس (ماڻهن کي) سڏيان ٿو ۽ ڏانهس منهنجو موٽڻ آهي. ۽ اهڙيءَ طرح اُن (قرآن) کي (هڪ) حڪم (ڪندڙ)

عَرَبِيًّا ؕ وَلَئِنِ اتَّبَعْتَ اَهْوَآءَهُمْ بَعْدَ مَا جَآءَكَ مِنَ الْعِلْمِ ۙ
عربي ۾. ۽ جيڪڏهن تون هلندين انهن جي مرضيءَ تي ان کان پوءِ جو آيو تووٽ علم
عربي (ٻوليءَ) ۾ موڪليوسون. ۽ (اي پيغمبر!) جيڪڏهن تون پاڻ وٽ علم جي اچڻ کان پوءِ سندن سڌن جي تابعداري ڪندين تہ

ع ٥ / ١١ مَا لَكَ مِنَ اللّٰهِ مِنْ وَّلِيٍّ وَّلَا وَاقٍ ﴿٣٧﴾ ع وَلَقَدْ اَرْسَلْنَا رُسُلًا
تہ نہ هوندو تنهنجي لاءِ الله کان ڪوئي مددگار ۽ نڪي بچائيندڙ. ۽ اسان موڪليا آهن رسول
الله وٽان نڪو سنڀاليندڙ ۽ نڪو بچائيندڙ لهندين. ۽ بيشڪ توکان اڳ (ڪيترائي)

مِّنْ قَبْلِكَ وَجَعَلْنَا لَهُمْ اَزْوَاجًا وَّذُرِّيَّةً ؕ وَمَا كَانَ لِرَسُوْلٍ
توکان اڳ ۾ ۽ اسان ڏنيون انهن کي زالون ۽ اولاد ۽ نہ ٿيو آهي ڪنهن رسول کان
پيغمبر موڪلياسون ۽ کين زالون ۽ اولاد ڏنوسون ۽ ڪنهن پيغمبر کي الله جي حڪم کان

اَنْ يَّاْتِيَ بِاٰيَةٍ اِلَّا بِاِذْنِ اللّٰهِ ؕ لِكُلِّ اَجَلٍ كِتَابٌ ﴿٣٨﴾ يَمْحُوا اللّٰهُ
جو آڻي ڪا آيت مگر الله جي اذن سان. هر مقرر وقت لاءِ لکت آهي. ميساريندو آهي الله
سواءِ ڪنهن معجزي آڻڻ جو اختيار نہ آهي، هر ڪنهن مدت لاءِ حڪم لکيل آهي. الله ميٽيندو آهي

مَا يَشَآءُ وَيُثْبِتُ ۚۖ وَعِنْدَهٗٓ اُمُّ الْكِتٰبِ ﴿٣٩﴾ وَاِنْ مَّا نُرِيَنَّكَ
جيڪي گهري ۽ ثابت رکندو آهي. ۽ انهيءَ وٽ آهي اصل دفتر. ۽ جيڪڏهن ڏيکاريون توکي
جيڪي گهرندو آهي ۽ ثابت رکندو آهي جيڪي گهرندو آهي. ۽ وٽس اصل ڪتاب آهي. ۽ (اي پيغمبر!) جيڪو

بَعْضَ الَّذِيْ نَعِدُهُمْ اَوْ نَتَوَفَّيَنَّكَ فَاِنَّمَا عَلَيْكَ الْبَلٰغُ
ڪجهه ان مان جنهنجو وعدو ڪريون ٿا انهن سان يا فوت ڪريون توکي پوءِ رڳو توتي حڪم پهچائڻ آهي
انجام ساڻن ڪريان ٿو (تنهن مان) جيڪڏهن ڪجهه توکي ڏيکاريان يا توکي ماريان تہ (بهرحال) توتي پيغام پهچائڻ

وَعَلَيْنَا الْحِسَابُ ﴿٤٠﴾ اَوَلَمْ يَرَوْا اَنَّا نَاْتِي الْاَرْضَ نَنْقُصُهَا
۽ اسان تي حساب وٺڻ آهي. ڇا نہ ٿا ڏسن تہ اسين اچون ٿا زمين کي گهٽائيندا
۽ اسان تي حساب وٺڻ کان سواءِ (ٻيو ڪجهه) نہ آهي. اڃا نہ ڏسندا آهن ڇا؟ تہ اسين زمين کي سندس چوڌاري گهٽائيندا آهيون.

مِنْ اَطْرَافِهَا ؕ وَاللّٰهُ يَحْكُمُ لَا مُعَقِّبَ لِحُكْمِهٖ ؕ وَهُوَ سَرِيْعُ
ان جي پاسن کان. ۽ الله حڪم ٿو ڏئي ناهي ڪوئي هٽائيندڙ انجي حڪم کي. ۽ اهو سگهو وٺندڙ آهي
۽ الله حڪم ڪندو آهي سندس حڪم کي ڪو روڪڻ وارو نہ آهي، ۽ اهو (الله) سگهو حساب وٺندڙ آهي.

الْحِسَابِ ﴿٤١﴾ وَقَدْ مَكَرَ الَّذِيْنَ مِنْ قَبْلِهِمْ فَلِلّٰهِ الْمَكْرُ جَمِيْعًا ط

حساب. ۽ پڻ فريب ڪيو هو انهن کان اڳين پوءِ الله جي وس آهي مڪر سمورو.

۽ جيڪي کانئن اڳ هئا تن بيشڪ فريب ڪيو پوءِ سڀ بچڙي سزا الله جي هٿ ۾ آهي. هر ماڻهو

يَعْلَمُ مَا تَكْسِبُ كُلُّ نَفْسٍ ط وَسَيَعْلَمُ الْكُفّٰرُ لِمَنْ عُقْبَى

اهو ڄاڻي ٿو جيڪي ڪري ٿو هر انسان ۽ جلد ڄاڻندا ڪافر تہ ڪنهن جي لاءِ آخرت

جيڪا ڪمائي ڪندو آهي (سا الله) ڄاڻندو آهي، ۽ ڪافر سگهو ڄاڻندا تہ ڪنهن لاءِ آخرت جو گهر آهي.

الدَّارِ ﴿٤٢﴾ وَيَقُوْلُ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا لَسْتَ مُرْسَلًا ط قُلْ كَفٰى بِاللّٰهِ

جو گهر آهي. ۽ چون ٿا اهي جن ڪفر ڪيو تہ ناهين تون رسول، چؤ الله

۽ ڪافر چوندا آهن تہ تون پيغمبر نہ آهين، (کين) چئو تہ منهنجي وچ ۾

شَهِيْدًا بَيْنِيْ وَبَيْنَكُمْ لا وَمَنْ عِنْدَهٗ عِلْمُ الْكِتٰبِ ﴿٤٣﴾ ع

شاهد ڪافي آهي منهنجي ۽ توهان جي وچ ۾ ۽ اهي بہ جن وٽ آهي علم ڪتاب جو.

۽ اوهان جي وچ ۾ الله شاهد ڪافي آهي ۽ اهي (بہ) جن وٽ ڪتاب جو علم آهي.

سُوْرَةُ اِبْرٰهِيْمَ مَكِّيَّةٌ ١٤ — بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ — اٰيَاتُهَا ٥٢ رُكُوْعَاتُهَا ٧

شروع الله ٻاجهاري مهربان جي نالي سان.

الله ٻاجهاري مهربان جي نالي سان (شروع)

الٓرٰ قف كِتٰبٌ اَنْزَلْنٰهُ اِلَيْكَ لِتُخْرِجَ النَّاسَ مِنَ الظُّلُمٰتِ

الر. هي ڪتاب آهي جو لاٿو سون انکي توڏانهن جيئن تون ڪڍين ماڻهن کي اونداهين مان

الرا. هيءُ ڪتاب آهي جو (اي پيغمبر!) اسان تو ڏانهن هن لاءِ نازل ڪيو تہ ماڻهن کي اونداهين مان

اِلَى النُّوْرِ لا بِاِذْنِ رَبِّهِمْ اِلٰى صِرَاطِ الْعَزِيْزِ الْحَمِيْدِ ﴿١﴾ لا اللّٰهِ الَّذِيْ

نور ڏانهن سندن رب جي حڪم سان طرف رستي انهيءَ زبردست ساراهيل. الله جي اهو

سوجهري ڏانهن ڪڍين ۽ سندن رب جي حڪم سان انهيءَ ساراهيل غالب الله جي وات تي آڻين.جنهن جو

لَهٗ مَا فِي السَّمٰوٰتِ وَمَا فِي الْاَرْضِ ط وَوَيْلٌ لِّلْكٰفِرِيْنَ

جنهن لاءِ آهي جيڪي آسمانن ۾ آهي ۽ جيڪي زمين ۾ آهي، ۽ خواري آهي ڪافرن لاءِ

اهو (سڀئي) آهي جيڪي آسمانن ۾ آهي ۽ جيڪي زمين ۾ آهي، ۽ سخت عذاب جي ڪري انهن ڪافرن لاءِ ويل آهي!

مِنْ عَذَابٍ شَدِيْدِ ﴿٢﴾ لا الَّذِيْنَ يَسْتَحِبُّوْنَ الْحَيٰوةَ الدُّنْيَا عَلَى الْاٰخِرَةِ

عذاب سخت کان. جيڪي پسند ڪن ٿا دنيا جي حياتيءَ کي آخرت تي

جيڪي دنيا جي حياتيءَ کي آخرت جي حياتي کان وڌيڪ پيارو رکندا آهن

وَيَصُدُّونَ عَنْ سَبِيلِ اللّٰهِ وَيَبْغُونَهَا عِوَجًا ۚ أُولٰٓئِكَ

۽ روڪين ٿا الله جي راھ کان ۽ ڳولين ٿا ان ۾ ونگ اهي آهن

۽ (ماڻھن کي) الله جي واٽ کان جھليندا آهن ۽ ان جي ڏنگائي ڳولھيندا آهن. اهي

فِي ضَلٰلٍۭ بَعِيدٍ ﴿٣﴾ وَمَآ أَرْسَلْنَا مِنْ رَّسُولٍ إِلَّا بِلِسَانِ قَوْمِهٖ

گمراهي پرانهين ۾. ۽ نه موڪليوسون ڪوئي رسول مگر ٻولي ڳالھائيندڙ پنھنجي قوم جي

وڏي گمراهيءَ ۾ آهن. ۽ ڪنهن پيغمبر کي سندس قوم جي ٻوليءَ کان سواءِ، ٻيءَ (ٻوليءَ) سان نہ موڪليوسون

لِيُبَيِّنَ لَهُمْ ۖ فَيُضِلُّ اللّٰهُ مَنْ يَّشَآءُ وَيَهْدِي مَنْ يَّشَآءُ ۚ

جيئن سمجھائي انهن کي، پوءِ گمراھ ڪري ٿو الله جنهن کي گھري ۽ هدايت ڪري ٿو جنهن کي گھري،

(هن لاءِ) تہ انهن کي (پڌرو) بيان ڪري. پوءِ الله جنهن کي گھري ٿو تنهن کي گمراھ ۽ جنهن لاءِ وڻيس تنهن کي هدايت ڪري ٿو.

وَهُوَ الْعَزِيزُ الْحَكِيمُ ﴿٤﴾ وَلَقَدْ أَرْسَلْنَا مُوسٰى بِاٰيٰتِنَآ أَنْ

۽ اهو زبردست آهي حڪيم آهي. ۽ بيشڪ موڪليوسون موسيٰ کي پنهنجين نشانين سان تہ

۽ اهو غالب حڪمت وارو آهي. ۽ بيشڪ موسيٰ کي پنهنجن معجزن سان موڪليوسون (چيوسون) تہ

أَخْرِجْ قَوْمَكَ مِنَ الظُّلُمٰتِ إِلَى النُّورِ ۙ وَذَكِّرْهُمْ بِأَيّٰىمِ

ڪڍ پنهنجي قوم کي اونداهين مان نور ڏانهن، ۽ ياد ڏيار انهن کي ڏينهن

پنهنجي قوم کي اونداهين مان سوجھري ڏانهن ڪڍ ۽ کين الله (جي ڏمر) وارا ڏينهن ياد ڏيار!

اللّٰهِ ۚ إِنَّ فِي ذٰلِكَ لَاٰيٰتٍ لِّكُلِّ صَبَّارٍ شَكُورٍ ﴿٥﴾ وَإِذْ قَالَ

الله جا، يقينن ان ۾ نشانيون آهن هر صبر ڪندڙ شڪر گذار لاءِ. ۽ جنهن وقت چيو

بيشڪ ان ۾ هر هڪ صابر شاڪر لاءِ نشانيون آهن. ۽ (ياد ڪر!) جڏهن موسيٰ

مُوسٰى لِقَوْمِهِ اذْكُرُوا نِعْمَةَ اللّٰهِ عَلَيْكُمْ إِذْ أَنْجٰىكُمْ

موسيٰ پنهنجي قوم کي ياد ڪريو نعمت الله جي پنهنجي مٿان جڏهن ڇڏايائين توهان کي

پنهنجي قوم کي چيو تہ، پاڻ تي الله جون نعمتون ياد ڪريو جڏهن تہ فرعون جي (انهن)

مِّنْ اٰلِ فِرْعَوْنَ يَسُومُونَكُمْ سُوٓءَ الْعَذَابِ وَيُذَبِّحُونَ أَبْنَآءَكُمْ

فرعون وارن کان جيڪي ڏين پيا توهان کي بڇڙو عذاب ۽ ڪُھن پيا توهان جي پٽن کي

ماڻهن کان اوهان کي بچايائين جيڪي اوهان کي سخت عذاب چکائيندا هئا ۽ اوهان جا پٽ ڪُھندا هئا

وَيَسْتَحْيُونَ نِسَآءَكُمْ ۚ وَفِي ذٰلِكُمْ بَلَآءٌ مِّنْ رَّبِّكُمْ عَظِيمٌ ﴿٦﴾ ع ١٤

۽ جيئرو ڇڏين پيا توهانجي عورتن کي، ۽ ان ۾ توهان لاءِ مدد هئي توهان جي رب کان. وڏي

۽ اوهان جون ڌيئرون جيئرون ڇڏيندا هئا. ۽ هن ۾ اوهان جي پالڻھار کان اوهان لاءِ وڏي آزمائش هئي.

وَاِذْ تَاَذَّنَ رَبُّكُمْ لَىٕنْ شَكَرْتُمْ لَاَزِيْدَنَّكُمْ وَلَىٕنْ كَفَرْتُمْ

۽ جڏهن اعلان ڪيو اوهان جي رب جيڪڏهن شڪر ڪندؤ تہ وڌائيندس اوهان کي ۽ جي بي شڪري ڪندؤ

۽ جڏهن اوهان جي پالڻهار اوهان کي خبردار ڪيو تہ جيڪڏهن اوهين شڪرانو ڪندؤ تہ اوهان کي ضرور وڌائيندس ۽ جيڪڏهن بي شڪري ڪندؤ

اِنَّ عَذَابِیْ لَشَدِیْدٌ ﴿٧﴾ وَقَالَ مُوْسٰۤى اِنْ تَكْفُرُوْۤا اَنْتُمْ وَمَنْ

تہ منهنجو عذاب سخت آهي. ۽ چيو موسيٰ جيڪڏهن ڪفر ڪندؤ توهان ۽ جيڪي بہ

تہ بيشڪ منهنجو عذاب سخت آهي. ۽ موسيٰ چيو تہ، اوهان جو ۽ سڀني جهان وارن جو انڪار ڪرڻ (الله کي ڪجهہ نقصان لائي نہ سگهندو)

فِی الْاَرْضِ جَمِیْعًا ۙ فَاِنَّ اللّٰهَ لَغَنِیٌّ حَمِیْدٌ ﴿٨﴾ اَلَمْ یَاْتِكُمْ نَبَؤُا

زمين ۾ آهن سمورا پوءِ بيشڪ الله بي پرواهہ آهي ساراهيل آهي. ڇا نہ آئي توهان وٽ خبر

ڇو تہ الله بي پرواهہ ساراهيل آهي. اوهان کي اُنهن جي سُڌ نہ پهتي آهي ڇا؟

الَّذِیْنَ مِنْ قَبْلِكُمْ قَوْمِ نُوْحٍ وَّعَادٍ وَّثَمُوْدَ ۛؕ وَالَّذِیْنَ

انهن جي جيڪي توهان کان اڳ ۾ هئا قوم نوح ۽ عاد ۽ ثمود جي، ۽ جيڪي

جيڪي اوهان کان اڳ نوح ۽ عاد ۽ ثمود جي قوم هئا. ۽ جيڪي ڪانئن پوءِ

مِنْۢ بَعْدِهِمْ ۛؕ لَا یَعْلَمُهُمْ اِلَّا اللّٰهُ ؕ جَآءَتْهُمْ رُسُلُهُمْ بِالْبَیِّنٰتِ

انهن کان پوءِ هئا، نہ تہ ڄاڻي ڪوئي انهن کي الله کان سواءِ، آيا انهن وٽ رسول انهن جا نشانين سان

هئا. جن کي الله کان سواءِ ڪوئي نہ ڄاڻندو آهي. سندن پيغمبر وٽن پڌرن معجزن سان آيا پوءِ پنهنجا

فَرَدُّوْۤا اَیْدِیَهُمْ فِیْۤ اَفْوَاهِهِمْ وَقَالُوْۤا اِنَّا كَفَرْنَا بِمَاۤ اُرْسِلْتُمْ

پوءِ ورايائون پنهنجا هٿ پنهنجي واتن تي ۽ چيائون اسين انڪار ڪريون ٿا ان جو جنهن سان توهان کي موڪليو ويو

هٿ پنهنجن واتن ۾ ورايائون ۽ چيائون تہ جنهن شيءِ سان اوهان کي موڪليو ويو آهي تنهن جا اسين منڪر آهيون

بِهٖ وَاِنَّا لَفِیْ شَكٍّ مِّمَّا تَدْعُوْنَنَاۤ اِلَیْهِ مُرِیْبٍ ﴿٩﴾ قَالَتْ رُسُلُهُمْ

آهي ۽ اسين شڪ ۾ آهيون ان کان سڏيو ٿا اسان کي جنهن ڏانهن شڪ پريشان ڪندڙ ۾. چيو انهن جي رسولن

۽ جنهن ڏانهن اوهين اسان کي سڏيندا آهيو، تنهن کان اسين سخت شڪ ۾ پيل آهيون. سندن پغمبرن چيو تہ،

اَفِی اللّٰهِ شَكٌّ فَاطِرِ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ ؕ یَدْعُوْكُمْ لِیَغْفِرَ لَكُمْ

ڇا الله ۾ شڪ آهي جو پيدا ڪندڙ آهي آسمانن ۽ زمين جو، اهو سڏي ٿو توهان کي تہ بخشي توهان کي

(اوهان کي) آسمانن ۽ زمين جي بڻائيندڙ الله جي بابت ڪو شڪ آهي ڇا؟ (اهو) اوهان کي هن لاءِ سڏيندو آهي

مِّنْ ذُنُوْبِكُمْ وَیُؤَخِّرَكُمْ اِلٰۤى اَجَلٍ مُّسَمًّى ؕ قَالُوْۤا اِنْ اَنْتُمْ

توهان جا گناهہ ۽ ڍر ڏئي توهان کي وقت مقرر تائين، چيائون نہ آهيو توهين

تہ اوهان جا گناهہ اوهان کي بخشي ۽ ٺهرايل مدت تائين اوهان کي مهلت ڏئي، چيائون تہ اوهين بہ اسان جهڙا

مع عند المتقدمين

الثلثة

اِلَّا بَشَرٌ مِّثْلُنَا ؕ تُرِيْدُوْنَ اَنْ تَصُدُّوْنَا عَمَّا كَانَ يَعْبُدُ
مگر آدمي اسان جهڙا، توهان گهرو ٿا اسان کي روڪڻ انهن کان جن کي پوڄيندا هئا
ماڻهو آهيو (تنهن ڪري اوهان جي چوڻ تي ڪيئن لڳون؟). جن کي اسان جا ابا ڏاڏا پوڄيندا هئا تن کان اسان کي

اٰبَآؤُنَا فَاْتُوْنَا بِسُلْطٰنٍ مُّبِيْنٍ (١٠) قَالَتْ لَهُمْ رُسُلُهُمْ
ابا ڏاڏا اسان جا پوءِ آڻيو اسان وٽ ڪو ثبوت پڌرو. چيو انهن کي سندن رسولن
جهلڻ جو ارادو رکندا آهيو. (جي سچا آهيو) ته اسان وٽ ڪو پڌرو دليل آڻيو!.سندن پيغمبرن کين چيو ته

اِنْ نَّحْنُ اِلَّا بَشَرٌ مِّثْلُكُمْ وَلٰكِنَّ اللّٰهَ يَمُنُّ عَلٰى مَنْ يَّشَآءُ
رڳو اسان ماڻهو آهيون توهان جهڙا پر الله مهرباني ڪري ٿو جنهن تي گهري
اسين (به) اوهان جهڙائي ماڻهو آهيون پر الله پنهنجن ٻانهن مان جنهن لاءِ گهرندو آهي تنهن تي احسان ڪندو آهي.

مِنْ عِبَادِهٖ ؕ وَمَا كَانَ لَنَآ اَنْ نَّاْتِيَكُمْ بِسُلْطٰنٍ اِلَّا بِاِذْنِ اللّٰهِ ؕ
پنهنجي ٻانهن مان. ۽ ناهي اسان لاءِ جو آڻيون توهان وٽ ڪو ثبوت سواءِ حڪم الله جي
۽ الله جي حڪم کان سواءِ اوهان وٽ ڪنهن دليل جي آڻڻ جي اسان کي ڪا سگهه نه آهي.

وَعَلَى اللّٰهِ فَلْيَتَوَكَّلِ الْمُؤْمِنُوْنَ (١١) وَمَا لَنَآ اَلَّا نَتَوَكَّلَ
۽ الله تي ئي ڀل ڀروسو ڪن ايمان وارا. ۽ ڇا ٿيو آهي اسان کي جو نه ڀروسو ڪريون
۽ مؤمنن کي جڳائي ته الله تي ڀروسو ڪن. ۽ اسان کي ڇا (ٿيو) آهي؟ ته الله تي ڀروسو نه ڪريون

عَلَى اللّٰهِ وَقَدْ هَدٰىنَا سُبُلَنَا ؕ وَلَنَصْبِرَنَّ عَلٰى مَآ اٰذَيْتُمُوْنَا ؕ وَ
الله تي حالانڪ انهيءَ ڏيکاريا آهن اسان کي اسان جا رستا، ۽ اسين ضرور سهنداسون جا تڪليف ڏني توهان اسان کي، ۽
۽ بيشڪ اسان کي اسان جي سڌن رستن جي هدايت ڪيائين ۽ جيڪي اسان کي ڏکوئيندا آهيو تنهن تي اسين ضرور

عَلَى اللّٰهِ فَلْيَتَوَكَّلِ الْمُتَوَكِّلُوْنَ (١٢) ع وَقَالَ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا
الله تي ئي ڀل ڀروسو ڪن ڀروسي ڪندڙ. ۽ چيو ڪافرن
صبر ڪنداسون. ۽ ڀروسي ڪندڙن کي الله تي ڀروسو ڪرڻ جڳائي. ۽ ڪافرن پنهنجن پيغمبرن کي

ع ١٤-٢

لِرُسُلِهِمْ لَنُخْرِجَنَّكُمْ مِّنْ اَرْضِنَآ اَوْ لَتَعُوْدُنَّ فِيْ مِلَّتِنَا ؕ
پنهنجن رسولن کي ته ضرور ڪيدنداسون توهان کي پنهنجي ديس مان يا ضرور موٽندؤ اسانجي مذهب ۾.
چيو ته اوهان کي پنهنجي ملڪ مان لوڏينداسون يا اسان جي دين ڏانهن ضرور موٽو پوءِ سندن

فَاَوْحٰۤى اِلَيْهِمْ رَبُّهُمْ لَنُهْلِكَنَّ الظّٰلِمِيْنَ (١٣) لا وَلَنُسْكِنَنَّكُمُ
پوءِ پڌايو انهن کي سندن پروردگار ته ضرور اسان تباهه ڪنداسون ظالمن کي. ۽ ضرور رهائينداسون توهان کي
پالڻهار انهن ڏانهن وحي ڪيو ته ظالمن کي ضرور ناس ڪنداسون. ۽ انهن کان پوءِ ملڪ ۾ اوهان کي ضرور

الْاَرْضَ مِنْ بَعْدِهِمْ ؕ ذٰلِكَ لِمَنْ خَافَ مَقَامِیْ وَخَافَ
ملڪ ۾ انهن کان پوءِ. اهو انهيءَ لاءِ آهي جيڪو ڊنو منهنجي آڏو بيهڻ کان ۽ ڊنو
رهائينداسين اهو (انجام) انهيءَ لاءِ آهي جيڪو منهنجي اڳيان بيهڻ کان ڊڄي ۽ منهنجي دڙڪي کان ڊڄي.
وَعِیْدِ ﴿١٤﴾ وَاسْتَفْتَحُوْا وَخَابَ كُلُّ جَبَّارٍ عَنِیْدٍ ﴿١٥﴾ مِّنْ وَّرَآىٕهٖ
منهنجي عذاب کان. ۽ اهي فتح گهرڻ لڳا ۽ هارايو هر سرڪش ضديءَ. انهيءَ جي پويان
۽ (پيغمبرن) سوڀ جون دعائون گهريون ۽ هر هٺيلو ضدي نامراد ٿيو. اُن جي پويان دوزخ آهي
جَهَنَّمُ وَیُسْقٰى مِنْ مَّآءٍ صَدِیْدٍ ﴿١٦﴾ یَّتَجَرَّعُهٗ وَلَا یَكَادُ یُسِیْغُهٗ
دوزخ آهي ۽ پياريو ويندو ان کي پاڻي ڪنجهو. ڍُڪ ڍُڪ پريندو انجو ۽ نه ڳيت ڏئي سگهندو انهيءَ کي
۽ اُن کي پُونءِ جو پاڻي پياريو ويندو. اُن کي ڍُڪ ڍُڪ ڪري پيئندو ۽ اُن کي ڳيت ڏيئي بہ نہ سگهندو
وَیَاْتِیْهِ الْمَوْتُ مِنْ كُلِّ مَكَانٍ وَّمَا هُوَ بِمَیِّتٍ ؕ وَمِنْ وَّرَآىٕهٖ
۽ ايندو ان وٽ موت هر طرف کان ۽ اهو نه مرندو. ۽ ان جي پويان هوندو
۽ هر ڪنهن پاسي کان موت ايندس ۽ هو مئل نہ هوندو. ۽ اُن جي پويان سخت
عَذَابٌ غَلِیْظٌ ﴿١٧﴾ مَثَلُ الَّذِیْنَ كَفَرُوْا بِرَبِّهِمْ اَعْمَالُهُمْ كَرَمَادِ
عذاب سخت. حال انهن جو جن ڪفر ڪيو پنهنجي رب جو هي آهي تہ عمل انهن جا هوندا خاڪ جهڙا
عذاب آهي. جن پنهنجي پالڻهار کان انڪار ڪيو تن جي ڪرتوتن جو مثال انهيءَ ڪيريءَ جهڙو آهي
اشْتَدَّتْ بِهِ الرِّیْحُ فِیْ یَوْمٍ عَاصِفٍ ؕ لَا یَقْدِرُوْنَ مِمَّا كَسَبُوْا
تيز هلي جنهن تي واءُ ڏينهن اُتر واري ۾. نه قادر ٿيندا پنهنجي ڪمائي مان
جنهن کي آنڌي واري ڏينهن ۾ (سخت) واءُ اڏائي. جيڪي ڪمايائون تنهن جي ذري تي بہ جي
عَلٰى شَیْءٍ ؕ ذٰلِكَ هُوَ الضَّلٰلُ الْبَعِیْدُ ﴿١٨﴾ اَلَمْ تَرَ اَنَّ اللّٰهَ خَلَقَ
ڪنهن شيءِ تي. اها آهي گمراهي پرانهين. ڇا نه ڏٺئي تہ الله پيدا ڪيا
نہ سگهندا. اِهائي وڏي گمراهي آهي. (اي پيغمبر!) نہ ڏٺو اٿيئي ڇا تہ الله
السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضَ بِالْحَقِّ ؕ اِنْ یَّشَاْ یُذْهِبْكُمْ وَیَاْتِ بِخَلْقٍ
آسمان ۽ زمين حق سان. جيڪڏهن گهُري تہ گم ڪري توهان کي ۽ آڻي مخلوق
آسمانن ۽ زمين کي رٿ سان بڻايو آهي؟ جيڪڏهن وڻيس تہ اوهان کي نِٺي ۽ بي نئين خلق آڻي.
جَدِیْدٍ ﴿١٩﴾ وَّمَا ذٰلِكَ عَلَى اللّٰهِ بِعَزِیْزٍ ﴿٢٠﴾ وَبَرَزُوْا لِلّٰهِ جَمِیْعًا
نئين. ۽ ناهي اهو الله تي مشڪل. ۽ نڪري ايندا الله جي آڏو سمورا
۽ اِهو (ڪرڻ) الله تي اوکو نہ آهي. ۽ مڙيئي الله جي اڳيان حاضر ٿيندا.

فَقَالَ الضُّعَفٰٓؤُا لِلَّذِيْنَ اسْتَكْبَرُوْٓا اِنَّا كُنَّا لَكُمْ تَبَعًا فَهَلْ

پوءِ چوندا | هيڻا | انهن کي | جن هٺ ڪيو | ته اسين هئاسون توهان جا | پوئلڳ | پوءِ ڇا

پوءِ هيڻا هٺيلن کي چوندا ته، اسين اوهان جي پٺيان لڳا هئاسون پوءِ اوهين

اَنْتُمْ مُّغْنُوْنَ عَنَّا مِنْ عَذَابِ اللّٰهِ مِنْ شَيْءٍ ۭ قَالُوْا لَوْ هَدٰىنَا

اوهين | بچائيندؤ | اسان کي | الله جي عذاب کان | ڪجهه؟ | چوندا جيڪڏهن هدايت ڪري ها اسان کي

الله جي عذاب مان ڪجهه اسان کان ٽارڻ وارا آهيو ڇا؟ (هٺيلا) چوندا ته الله اسان کي هدايت ڪري ها ته اسين

اللّٰهُ لَهَدَيْنٰكُمْ ۭ سَوَاۗءٌ عَلَيْنَآ اَجَزِعْنَآ اَمْ صَبَرْنَا مَا لَنَا

الله | ته هدايت ڪريون ها توهان کي. | برابر آهي | اسان تي | پٽ ڪوهه ڪريون | يا | صبر ڪريون | نه آهي | اسان لاءِ

به اوهان کي هدايت ڪريون ها. (هاڻي) اسان جو رڙ ڪرڻ يا اسان جو صبر ڪرڻ اسان لاءِ هڪجهڙو آهي اسان کي ڪا واهه نه آهي.

٣ ع ٤ ١٥ مِنْ مَّحِيْصٍ ۝٢١ۧ وَقَالَ الشَّيْطٰنُ لَمَّا قُضِيَ الْاَمْرُ اِنَّ اللّٰهَ وَعَدَكُمْ

ڪوئي ڇوٽڪارو. | ۽ چوندو | شيطان | جڏهن | ٿي ويندو | فيصلو | بيشڪ | الله وعدو ڪيو توهان سان

۽ جڏهن ڪم پورو ڪيو ويندو تڏهن شيطان چوندو ته الله اوهان سان سچو انجام ڪيو هوءِ مون اوهان

وَعْدَ الْحَقِّ وَوَعَدْتُّكُمْ فَاَخْلَفْتُكُمْ ۭ وَمَا كَانَ لِيَ عَلَيْكُمْ مِّنْ

وعدو | سچو | ۽ مون به وعدو ڪيو توهان | سان پوءِ پورو نه ڪيم | ۽ نه | هئو منهنجو توهان تي | ڪو

سان (ڪوڙو) وعدو ڪيو هو پوءِ اوهان سان نه پاڙيم. مون کي اوهان تي اوهان جي سڏڻ کان سواءِ (ٻيو ڪو) زور نه هو

سُلْطٰنٍ اِلَّآ اَنْ دَعَوْتُكُمْ فَاسْتَجَبْتُمْ لِيْ ۚ فَلَا تَلُوْمُوْنِيْ وَلُوْمُوْٓا

زور | رڳو | سڏ ڪيم توهان کي | پوءِ توهان مڃي ورتو مونکي، | پوءِ نه | ننديو مون کي | ۽ نِنديو

پوءِ اوهان منهنجو چيو قبول ڪيو، تنهن ڪري مون کي ملامت نه ڪريو. ۽ (هاڻي) پاڻ کي ڦِٽ لعنت ڪريو.

اَنْفُسَكُمْ ۭ مَآ اَنَا بِمُصْرِخِكُمْ وَمَآ اَنْتُمْ بِمُصْرِخِيَّ ۭ اِنِّيْ كَفَرْتُ

پنهنجو پاڻ کي، | ناهيان | آءٌ دانهن ورنائيندڙ توهان جي | ۽ نه | توهان ئي منهنجي ورنائيندؤ. | آءٌ انڪار ٿو ڪريان

آءٌ اوهان جي دانهن ورنائڻ وارو نه آهيان ۽ نڪي اوهين منهنجي دانهن ٻڌڻ وارا آهيو. اوهان اڳي

بِمَآ اَشْرَكْتُمُوْنِ مِنْ قَبْلُ ۭ اِنَّ الظّٰلِمِيْنَ لَهُمْ عَذَابٌ

ته توهان مونکي پائيوار ڪيو هئو | اڳ ۾، | بيشڪ | ظالمن | لاءِ | عذاب

مون کي (الله) جو شريڪ بڻايو هو تنهن کان آءٌ بيزار آهيان، جو ته ظالمن لاءِ ڏکوئيندڙ عذاب آهي.

اَلِيْمٌ ۝٢٢ وَاُدْخِلَ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَعَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ جَنّٰتٍ تَجْرِيْ

دردناڪ آهي. | ۽ داخل ڪيا ويندا | اهي | جن ايمان آندو ۽ | چڱا ڪم ڪيا | باغن ۾ | وهن ٿيون

۽ جن ايمان آندو ۽ چڱا ڪم ڪيا سي (انهن) باغن ۾ داخل ڪيا ويندا جن جي هيٺان نهرون وهنديون آهن.

مِنْ تَحْتِهَا الْاَنْهٰرُ خٰلِدِيْنَ فِيْهَا بِاِذْنِ رَبِّهِمْ ؕ تَحِيَّتُهُمْ فِيْهَا

جن جي هيٺان واهيون هميشه رهندا انهن ۾ حڪم رب جي سان، انهن جو آدرڀاءُ آهي اتي

پنهنجي پالڻهار جي موڪل سان منجهن سدائين رهندڙ آهن. منجهس سندن ڪيڪار سلام آهي.

سَلٰمٌ ﴿٢٣﴾ اَلَمْ تَرَ كَيْفَ ضَرَبَ اللّٰهُ مَثَلًا كَلِمَةً طَيِّبَةً كَشَجَرَةٍ

سلام. ڇا نه ڏٺو تو ڪيئن بيان ڪيو الله مثال ڪلمي پاڪ جو جيئن وڻ

(اي پيغمبر!) توکي معلوم نه آهي ڇا؟ ته الله ڪهڙو مثال بيان ڪيو آهي پاڪ ڪلمن (اهڙي) پاڪ وڻ وانگر آهي

طَيِّبَةٍ اَصْلُهَا ثَابِتٌ وَّفَرْعُهَا فِى السَّمَآءِ ﴿٢٤﴾ تُؤْتِيْٓ اُكُلَهَا كُلَّ

پاڪ جو پاڙان جي مضبوط هجي ۽ ٽاريون ان جون آسمان ۾. ڏئي ٿو ڦل پنهنجو هر

جنهن جي پاڙ مضبوط هجي ۽ سندس ٽاريون آسمان ۾ هجن. پنهنجي پالڻهار جي حڪم سان هر وقت پنهنجا

حِيْنٍۢ بِاِذْنِ رَبِّهَا ؕ وَيَضْرِبُ اللّٰهُ الْاَمْثَالَ لِلنَّاسِ لَعَلَّهُمْ

وقت حڪم رب جي سان، ۽ بيان ڪري ٿو الله ڪيئي مثال ماڻهن لاءِ جيئن اهي

ميوا ڏيندو هجي، ۽ الله ماڻهن لاءِ مثال بيان ڪندو آهي ته مَنَ اهي نصيحت وٺن.

يَتَذَكَّرُوْنَ ﴿٢٥﴾ وَمَثَلُ كَلِمَةٍ خَبِيْثَةٍ كَشَجَرَةٍ خَبِيْثَةِ ۨاجْتُثَّتْ

سمجهن. ۽ مثال لفظ خراب جو جهڙو وڻ خراب جو پٽيو ويجي

۽ بڇڙي لفظ جو مثال (اهڙي) بڇڙي وڻ وانگر آهي جو زمين تان پٽيو ويو.

مِنْ فَوْقِ الْاَرْضِ مَا لَهَا مِنْ قَرَارٍ ﴿٢٦﴾ يُثَبِّتُ اللّٰهُ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا

زمين جي مٿاڇري تان ناهي ان کي ڪا مضبوطي. پڪو ڪري ٿو الله ايمان وارن کي

اُن کي ڪو (پڪي پاڙ جو) ٽڪاءُ نه آهي. جن ايمان آندو تن کي الله دنيا جي حياتيءَ

بِالْقَوْلِ الثَّابِتِ فِى الْحَيٰوةِ الدُّنْيَا وَفِى الْاٰخِرَةِ ۚ وَيُضِلُّ اللّٰهُ

ڳالهه پڪيءَ سان دنيا جي حياتيءَ ۾ ۽ آخرت ۾، ۽ ڀٽڪائي ٿو الله

۾ ۽ آخرت ۾ پڪي قول سان مضبوط رکندو آهي، ۽ الله ظالمن کي گمراه ڪندو آهي، ۽ الله جيڪي گهرندو آهي

الظّٰلِمِيْنَ ۙ وَيَفْعَلُ اللّٰهُ مَا يَشَآءُ ﴿٢٧﴾ اَلَمْ تَرَ اِلَى الَّذِيْنَ بَدَّلُوْا نِعْمَتَ اللّٰهِ

بي انصافن کي، ۽ ڪري ٿو الله جيئن گهري. ڇا نه ڏٺو تو انهن کي جن مٽايو الله جي نعمت کي

سو ڪندو آهي. (اي پيغمبر!) توکي اهي معلوم نه آهن ڇا؟ جن بي شڪريءَ سبب الله جي نعمتن کي مٽايو

كُفْرًا وَّاَحَلُّوْا قَوْمَهُمْ دَارَ الْبَوَارِ ﴿٢٨﴾ جَهَنَّمَ ۚ يَصْلَوْنَهَا ؕ وَبِئْسَ

ڪفر سان ۽ لاٿائون پنهنجي قوم کي ڀينگ جي گهر ۾. جو دوزخ آهي، پوندا ان ۾، ۽ بڇڙو آهي

۽ پنهنجي قوم کي تباهيءَ جي گهر ۾ وڌو، دوزخ (۾). اهي منجهس گهڙندا. اهو بڇڙو ٽڪاڻو آهي.

الْقَرَارُ ﴿٢٩﴾ وَجَعَلُوا لِلّٰهِ أَنْدَادًا لِّيُضِلُّوا عَنْ سَبِيلِهِ ط قُلْ تَمَتَّعُوا

اهو ٺڪاڻو. ۽ بڻايائون الله لاءِ شريڪ جيئن ڀلائين الله جي راهہ کان. تون چؤ مزا وٺو

۽ الله سان شريڪ مقرر ڪيائون تہ سندس واٽ کان (ماڻهن کي) ڀلائين. (اي پيغمبرا کين) چئو تہ اوهين مزا ماڻي وٺو

فَإِنَّ مَصِيرَكُمْ إِلَى النَّارِ ﴿٣٠﴾ قُلْ لِّعِبَادِيَ الَّذِينَ اٰمَنُوا يُقِيمُوا

پوءِ بنا شڪ جي موٽڻ توهان جو آهي باهہ ڏانهن. چؤ منهنجي ٻانهن کي جن ايمان آندو تہ سنڀالي پڙهن

چو تہ اوهان جو (دوزخ جي) باهہ ڏانهن موٽڻ آهي. (اي پيغمبرا) منهنجن انهن ٻانهن کي چئو جن ايمان آندو آهي

الصَّلٰوةَ وَيُنْفِقُوا مِمَّا رَزَقْنٰهُمْ سِرًّا وَّعَلَانِيَةً مِّنْ قَبْلِ أَنْ

نماز ۽ خرچ ڪن اسان جي ڏني مان لڪائي ۽ ظاهر ڪري ان کان اڳ ۾ جو

تہ نماز پڙهندا رهن ۽ جيڪي کين روزق ڏنو اٿئون تنهن منجهان ڳجهو ۽ پڌرو اُن ڏينهن جي اچڻ کان اڳ

يَّأْتِيَ يَوْمٌ لَّا بَيْعٌ فِيهِ وَلَا خِلٰلٌ ﴿٣١﴾ اَللّٰهُ الَّذِي خَلَقَ السَّمٰوٰتِ

اچي اهڙو ڏينهن جو نہ هوندو واپار انهيءَ ۾ ۽ نڪي دوستي. الله اهو آهي جنهن پيدا ڪيو آسمانن

(الله جي واٽ ۾) خرچ ڪندا رهن جنهن ۾ نڪو واپار ۽ نہ ڪا ياراڻي هوندي!. الله اُهو آهي جنهن آسمانن ۽ زمين کي

وَالْأَرْضَ وَأَنْزَلَ مِنَ السَّمَآءِ مَآءً فَأَخْرَجَ بِهِ مِنَ الثَّمَرٰتِ رِزْقًا لَّكُمْ ج

۽ زمين کي ۽ لاٿائين آسمان کان پاڻي پوءِ ڪڍيائين ان سان ميوا توهان جي قوت لاءِ.

بڻايو ۽ آسمان کان (مينهن جو) پاڻي وسايو پوءِ اُن سان (سڀ ڪنهن جنس جي) ميون مان اوهان جي روزي ڪڍيائين.

وَسَخَّرَ لَكُمُ الْفُلْكَ لِتَجْرِيَ فِي الْبَحْرِ بِأَمْرِهِ ج وَسَخَّرَ لَكُمُ الْأَنْهٰرَ ﴿٣٢﴾ وَ

۽ تابع ڪيائين توهان لاءِ ٻيڙيون جيئن هلن سمنڊ ۾ انجي امر سان، ۽ تابع ڪيائين توهان لاءِ نديون. ۽

اوهان کي ٻيڙيون هن لاءِ نوائي ڏنائين تہ سندس حڪم سان سمنڊ ۾ ترنديون رهن، ۽ اوهان کي نديون (بہ) نوائي ڏنائين. ۽

سَخَّرَ لَكُمُ الشَّمْسَ وَالْقَمَرَ دَآئِبَيْنِ ج وَسَخَّرَ لَكُمُ الَّيْلَ وَالنَّهَارَ ﴿٣٣﴾ ج

تابع ڪيائين توهان لاءِ سج ۽ چنڊ سدائين هلندڙ ۽ ڪم لاٿائين توهان لاءِ رات ۽ ڏينهن کي.

اوهان لاءِ سدائين هلندڙ سج ۽ چنڊ نوائي ڏنائين، ۽ اوهان لاءِ رات ۽ ڏينهن نوائي ڏنائين.

وَاٰتٰىكُمْ مِّنْ كُلِّ مَا سَأَلْتُمُوهُ ط وَإِنْ تَعُدُّوا نِعْمَتَ اللّٰهِ لَا تُحْصُوهَا ط

۽ ڏنائين توهان کي هر شيءِ جيڪا توهان گهري انڪان، ۽ جيڪڏهن شمار ڪندؤ الله جي نعمتن کي تہ نہ ڳڻي سگهندؤ اهي.

۽ جيڪا شيءِ ڪانئس گهريو تنهن سڀ مان ڪجهہ اوهان کي ڏنائين، ۽ جيڪڏهن الله جي نعمتن کي ڳڻيندؤ تہ اهي ڳڻي نہ سگهندؤ.

إِنَّ الْإِنْسَانَ لَظَلُومٌ كَفَّارٌ ﴿٣٤﴾ ع وَإِذْ قَالَ إِبْرٰهِيمُ رَبِّ اجْعَلْ هٰذَا

بيشڪ انسان بي انصاف بي شڪر آهي. ۽ جڏهن چيو ابراهيم اي منهنجا پروردگار ڪر هن

بيشڪ انسان ضرور بي انصاف بي شڪر آهي. ۽ (ياد ڪر) جڏهن ابراهيم چيو تہ اي منهنجا پالڻهار! هن شهر (مڪي) کي امن

ع ٥ / ١٧

الْبَلَدَ اٰمِنًا وَّاجْنُبْنِيْ وَبَنِيَّ اَنْ نَّعْبُدَ الْاَصْنَامَ ﴿۳۵﴾ رَبِّ اِنَّهُنَّ

شهر کي امن وارو ۽ پري ڪر مون کي ۽ منهنجي پٽن کي پوڄا ڪرڻ بتن جي کان. اي منهنجا رب انهن

وارو ڪر ۽ مون کي ۽ منهنجي اولاد کي بتن جي پوڄڻ کان پاسي ڪرا. اي منهنجا پالڻهارا اُنهن (بتن)

اَضْلَلْنَ كَثِيْرًا مِّنَ النَّاسِ ۚ فَمَنْ تَبِعَنِيْ فَاِنَّهٗ مِنِّيْ ۚ وَمَنْ

ڀلايو آهي گهڻن ئي ماڻهن کي، پوءِ جيڪو تابعدار ٿيو منهنجو تہ اهو منهنجو آهي ۽ جنهن

ماڻهن مان گهڻن کي ڀلايو آهي، پوءِ جيڪو منهنجي پويان لڳو سو بيشڪ منهنجو آهي، ۽ جنهن

عَصَانِيْ فَاِنَّكَ غَفُوْرٌ رَّحِيْمٌ ﴿۳۶﴾ رَبَّنَآ اِنِّيْٓ اَسْكَنْتُ مِنْ ذُرِّيَّتِيْ

نافرماني ڪئي منهنجي پوءِ تون بخشڻهار مهربان آهين. اي اسانجا پالڻهار مون رهائي آهي ڪجھ پنهنجي اولاد

منهنجي نافرماني ڪئي تہ بيشڪ تون بخشڻهار مهربان آهين. اي اسان جا پالڻهار! مون پنهنجي اولاد مان ڪن

بِوَادٍ غَيْرِ ذِيْ زَرْعٍ عِنْدَ بَيْتِكَ الْمُحَرَّمِ ۙ رَبَّنَا لِيُقِيْمُوا الصَّلٰوةَ

ميدان غيرآبادي واري ۾ نزديڪ تنهنجي گهر عزت واري جي، اي رب اسان جا جيئن اهي قائم ڪن نماز

کي غيرآباد ميدان ۾ تنهنجي تعظيم واري گهر (بيت الله) وٽ هن لاءِ ٽڪايو آهي تہ اي اسان جا پالڻهارا! اُهي

فَاجْعَلْ اَفْئِدَةً مِّنَ النَّاسِ تَهْوِيْٓ اِلَيْهِمْ وَارْزُقْهُمْ

پوءِ ڪر دليون ڪن ماڻهن جون تہ لاڙو ڪن انهن ڏانهن ۽ ڪاراءِ انهن کي

نماز پڙهن پوءِ ڪن ماڻهن جون دليون اُنهن ڏانهن لڙنديون ڪر ۽ کين ميون جي روزي ڏي!

مِّنَ الثَّمَرٰتِ لَعَلَّهُمْ يَشْكُرُوْنَ ﴿۳۷﴾ رَبَّنَآ اِنَّكَ تَعْلَمُ مَا نُخْفِيْ وَمَا نُعْلِنُ ۗ

ميوا جيئن اهي شڪر ڪن. اي رب اسان جا تون ئي ڄاڻين تو جيڪي لڪايون ٿا ۽ جيڪي ظاهر ڪريون ٿا.

تہ مَنَ اهي شڪرانو ڪن. اي اسان جا پالڻهارا جيڪي (اسين) ڳجهو ڪريون ٿا ۽ جيڪي پڌرو ڪريون ٿا سو

وَمَا يَخْفٰى عَلَى اللّٰهِ مِنْ شَيْءٍ فِي الْاَرْضِ وَلَا فِي السَّمَآءِ ﴿۳۸﴾

۽ نہ ڍولڪل رهي الله تي ڪجھ بہ زمين ۾ ۽ نڪي آسمان ۾.

تون ڄاڻندڙ آهين. ۽ ڪا شيءِ نڪي زمين ۾ ۽ نڪي آسمان ۾ الله کان ڳجهي آهي.

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ الَّذِيْ وَهَبَ لِيْ عَلَى الْكِبَرِ اِسْمٰعِيْلَ وَاِسْحٰقَ ۗ اِنَّ

شڪر الله جو جنهن ڏنو مون کي پيريءَ ۾ اسماعيل ۽ اسحاق، بيشڪ

سڀ ساراه اُنهيءَ الله کي جڳائي جنهن مون کي ٻڍاپي ۾ اسماعيل ۽ اسحاق عطا ڪيو. چو تہ منهنجو

رَبِّيْ لَسَمِيْعُ الدُّعَآءِ ﴿۳۹﴾ رَبِّ اجْعَلْنِيْ مُقِيْمَ الصَّلٰوةِ وَمِنْ ذُرِّيَّتِيْ ۖ

منهنجو رب ٻڌندڙ آهي دعا جو. اي منهنجا رب ڪر مونکي قائم ڪندڙ نماز جو ۽ منهنجي اولاد مان بہ.

پالڻهار ضرور دعا ٻڌندڙ آهي. اي منهنجا پالڻهارا مون کي ۽ منهنجي اولاد مان ڪن کي نماز پڙهندڙ ڪرا!

رَبَّنَا وَتَقَبَّلْ دُعَآءِ ﴿٤٠﴾ رَبَّنَا اغْفِرْ لِيْ وَلِوَالِدَيَّ وَلِلْمُؤْمِنِيْنَ يَوْمَ يَقُوْمُ

اي اسان جا پالڻهار ۽ قبول ڪر منهنجي دعا. اي اسان جا رب بخش مونکي ۽ منهنجي ماءُ پيءُ کي ۽ ايمان وارن کي جنهن ڏينهن ٿيندو

۽ اسان جا پالڻهار! منهنجي دعا قبول ڪر! اي اسان جا پالڻهار! مون کي ۽ منهنجي ماءُ پيءُ کي ۽ مومن ماڻهن کي

الْحِسَابُ ﴿٤١﴾ وَلَا تَحْسَبَنَّ اللّٰهَ غَافِلًا عَمَّا يَعْمَلُ الظّٰلِمُوْنَ ۬ اِنَّمَا

حساب. ۽ هرگز نہ ڀانءِ الله کي بي خبر انهن ڪمن کان جو ڪن ٿا ظالم. رڳو

(انهيءَ ڏينهن) بخش جنهن ڏينهن حساب قائم ٿيندو. ۽ جيڪي ظلم ڪندا آهن، تنهن کان الله کي بي خبر هرگز نہ ڀانءِ!

يُؤَخِّرُهُمْ لِيَوْمٍ تَشْخَصُ فِيْهِ الْاَبْصَارُ ﴿٤٢﴾ مُهْطِعِيْنَ مُقْنِعِيْ

دير ڏئي ٿو انهن کي هڪ ڏينهن لاءِ جنهن ۾ ٽڙي وينديون اکيون. اهي ڊوڙندا ايندا اڀي

الله کين رڳو انهي (ڏينهن) تائين دير ڏني آهي جنهن ڏينهن اکيون ٽڙي وينديون. تکڙا ڊوڙندڙ پنهنجا ڳاٽ کڻندڙ هوندا!

رُءُوْسِهِمْ لَا يَرْتَدُّ اِلَيْهِمْ طَرْفُهُمْ ۚ وَاَفْـِٕدَتُهُمْ هَوَآءٌ ﴿٤٣﴾ وَاَنْذِرِ

ڳاٽ نہ موٽنديون انهن ڏانهن سندن نگاهون، ۽ دليون انهن جون پريشان هونديون. ۽ ڊيڄار

پاڻ ڏانهن سندن نظر وري نہ سگهندي، ۽ سندن دليون پيون ڌهڪنديون!. ۽ (اي پيغمبر!) ماڻهن کي

النَّاسَ يَوْمَ يَاْتِيْهِمُ الْعَذَابُ فَيَقُوْلُ الَّذِيْنَ ظَلَمُوْا رَبَّنَآ اَخِّرْنَآ

ماڻهن کي ان ڏينهن کان جو ايندو انهن ڏانهن عذاب پوءِ چوندا جن ظلم ڪيو اي رب اسان جا مهلت ڏي اسان کي

ان ڏينهن کان ڊيڄار! (جنهن ڏينهن) کين عذاب پهچندو پوءِ ظالم چوندا تہ اي اسان جا پالڻهار! اسان کي

اِلٰٓى اَجَلٍ قَرِيْبٍ ۙ نُّجِبْ دَعْوَتَكَ وَنَتَّبِعِ الرُّسُلَ ؕ اَوَلَمْ تَكُوْنُوْٓا

ٿوري وقت تائين تہ قبول ڪريون تنهنجو سڏ ۽ تابع ٿيون رسولن جا. ڇا توهان

ويجهيءَ مدت تائين مهلت ڏي تہ تنهنجي سڏ کي قبول ڪريون ۽ پيغمبرن جي فرمانبرداري ڪريون. (چيو

اَقْسَمْتُمْ مِّنْ قَبْلُ مَا لَكُمْ مِّنْ زَوَالٍ ﴿٤٤﴾ وَّسَكَنْتُمْ فِيْ مَسٰكِنِ

قسم نہ کڻندا هئا اڳ ۾ تہ نہ ٿيندو توهان جو ڪو هٽي وڃڻ. ۽ توهان رهندا هئا انهن ماڻهن جي گهرن ۾

ويندن تہ) هن کان اڳ اوهين قسم نہ کڻندا هيو ڇا تہ اوهان کي ڪا زوالي نہ ٿيندي! ۽ اوهين انهن جي جاين ۾ ٽڪيو

الَّذِيْنَ ظَلَمُوْٓا اَنْفُسَهُمْ وَتَبَيَّنَ لَكُمْ كَيْفَ فَعَلْنَا بِهِمْ وَضَرَبْنَا

جن ظلم ڪيو هئو پاڻ تي ۽ ظاهر ٿيو توهان تي تہ ڪيئن ڪيوسون انهن سان ۽ بيان ڪياسون

جن پاڻ تي ظلم ڪيو ۽ اوهان لاءِ واضح ٿيو تہ انهن سان ڪيئن ڪيوسون! ۽ اوهان لاءِ ڪيئي

لَكُمُ الْاَمْثَالَ ﴿٤٥﴾ وَقَدْ مَكَرُوْا مَكْرَهُمْ وَعِنْدَ اللّٰهِ مَكْرُهُمْ ؕ وَاِنْ

انهن لاءِ اهي مثال. ۽ سٽي هئائون سٽ پنهنجي ۽ هئي الله وٽ سٽ انهن جي، ۽ نہ

مثال بيان ڪياسون. ۽ بيشڪ انهن پنهنجو (وڏو) مڪر ڪيو ۽ الله وٽ سندن مڪر (جي سزا) آهي. ۽ سندن

كَانَ مَكْرُهُمْ لِتَزُوْلَ مِنْهُ الْجِبَالُ (٤٦) فَلَا تَحْسَبَنَّ اللّٰهَ مُخْلِفَ وَعْدِهٖ
هئي سِٽ انهن جي جو هتي وڃن ها ان کان جبل. پوءِ هرگز نہ سمجھ الله کي وعدو ڦيرائيندڙ
مڪر ڪو اهڙو نہ آهي جنهن سان جبل (پنهنجي جاين کان) هٽي وڃن. پوءِ (اي پيغمبر!) الله کي پنهنجن پيغمبرن ساڻ پنهنجي وعدي جي

رُسُلَهٗ ؕ اِنَّ اللّٰهَ عَزِيْزٌ ذُو انْتِقَامٍ (٤٧) يَوْمَ تُبَدَّلُ الْاَرْضُ غَيْرَ الْاَرْضِ
پنهنجي رسولن سان بيشڪ الله زبردست آهي بدلي وٺڻ وارو آهي. جنهن ڏينهن بدلائبي ڌرتي ٻيءَ ڌرتي سان
خلافي ڪندڙ هرگز نہ ڀانءِ! ڇو تہ الله زبردست (اُن ڏينهن) بدلي وٺڻ وارو آهي. جنهن ڏينهن هيءَ زمين مٽائي ٻي زمين ڪئي ويندي

وَالسَّمٰوٰتُ وَبَرَزُوْا لِلّٰهِ الْوَاحِدِ الْقَهَّارِ (٤٨) وَتَرَى الْمُجْرِمِيْنَ
۽ آسمان بہ ۽ اهي ظاهر ٿيندا الله واحد القهار آڏو. ۽ تون ڏسندين ڏوهارين کي
۽ آسمان (بہ)، ۽ (سڀ ماڻهو) الله هڪڙي (۽) زبردست جي آڏو ٿيندا. ۽ اُن ڏينهن ڏوهارين کي زنجيرن ۾

يَوْمَئِذٍ مُّقَرَّنِيْنَ فِى الْاَصْفَادِ (٤٩) سَرَابِيْلُهُمْ مِّنْ قَطِرَانٍ وَّتَغْشٰى
انهيءَ ڏينهن جڪڙيل زنجيرن ۾. ڪپڙا انهن جا ڏامبر مان ۽ ڍڪيندي
ٻڌل ڏسندين. سندن ڪپڙا گندرف مان هوندا ۽ سندن منهن کي باھ وڪوڙيندين. هن لاءِ تہ

وُجُوْهَهُمُ النَّارُ (٥٠) لِيَجْزِىَ اللّٰهُ كُلَّ نَفْسٍ مَّا كَسَبَتْ ؕ اِنَّ اللّٰهَ سَرِيْعُ
انهن جي منهن کي باھ. جئن بدلو ڏئي الله هر شخص کي سندس ڪئي جو، بيشڪ الله جلد
هرهڪ ماڻهو جيڪي ڪمايو تنهن جو ان کي الله بدلو ڏئي، بيشڪ الله جلد حساب ڪندڙ آهي.

الْحِسَابِ (٥١) هٰذَا بَلٰغٌ لِّلنَّاسِ وَلِيُنْذَرُوْا بِهٖ وَلِيَعْلَمُوْٓا اَنَّمَا
حساب ڪندڙ آهي. هيءَ خبر پهچائڻي آهي ماڻهن کي ۽ جئن تہ ڊيڄاريا وڃن انهيءَ سان ۽ جئن ڄاڻن تہ رڳو
اهو (قرآن) ماڻهن کي پهچائڻو آهي تہ اُن سان ڊيڄاريا وڃن ۽ ڄاڻن تہ انهيءَ

هُوَ اِلٰهٌ وَّاحِدٌ وَّلِيَذَّكَّرَ اُولُوا الْاَلْبَابِ (٥٢) ع
اهوئي مالڪ هڪڙو آهي ۽ جئن نصيحت وٺن مغز وارا.
هڪ الله کان سواءِ ٻيو ڪو معبود نہ آهي ۽ عقل وارا نصيحت وٺن!

سُوْرَةُ الْحِجْرِ مَكِّيَّةٌ — بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ — اٰيَاتُهَا ٩٩ رُكُوْعَاتُهَا ٦

شروع الله ٻاجهاري مهربان جي نالي سان.
الله ٻاجهاري مهربان جي نالي سان (شروع)

الٓرٰ ۫ تِلْكَ اٰيٰتُ الْكِتٰبِ وَقُرْاٰنٍ مُّبِيْنٍ (١)
الرٰ. هي آيتون آهن ڪتاب جون ۽ قرآن پڌري جون.
الرا. هي آيتون (هن) ڪتاب ۽ چٽي قرآن جون آهن.

